Maktaba Tul Ishaat.com

القرآن الكريم

باmحاوره ترجمو

حضرت مولانا تاج محمود امروٽي رحمه الله

لفظي ترجمو


حضرت مولانا عبدالڪريم قريشي رحمه الله

ڀير شريف

CamScanner



Maktaba Tul Ishaat



تمام فنون کے کتب ہمارے ویب سائٹ اور پلے سٹور سے فری ڈاون لوڈ کریں۔ ہم روزانہ کی بنیاد پر اس میں مزید نئے کتب شامل کر رہے ہیں نئے شامل شدہ کتب لیے روزانہ ہمارے پلے سٹور اور ویب سائٹ کو باقاعدگی سے چیک کیا کریں۔

اپنی کتاب کو ہمارے ویب سائٹ پر شائع کرنے کے لیے رابطہ کریں

تفاسیر	خطبات	منطق
احایث	سیرت	معانی
فقہ	تاریخ	تصوف
سوانح حیات	صرف	تقابل ادیان
درس نظامی	نحو	تجوید
لغت	فلسفہ	نعت
فتاوی	حکمت	تراجم
اصلاحی	بلاغت	تبلیغ ودعوت
آڈیو دروس	مناظرے	تمام فنون

maktaba.tul.ishaatofficial@gmail.com

Maktaba Tul Ishaat.com

يَعْتَذِرُوْنَ اِلَيْكُمْ اِذَا رَجَعْتُمْ اِلَيْهِمْ ؕ قُلْ لَّا تَعْتَذِرُوْا

بهانا ٿا ڪن | توهان وٽ | جڏهن | اچو ٿا | انهن ڏانهن، | چئو | بهانا نہ بڻايو

جڏهن (اوهين) انهن ڏانهن موٽندؤ (تڏهن) اوهان وٽ بهانو ڪندا. (انهن کي) چئو تہ بهانو نہ ڪريو

لَنْ نُّؤْمِنَ لَكُمْ قَدْ نَبَّاَنَا اللّٰهُ مِنْ اَخْبَارِكُمْ ؕ وَسَيَرَى اللّٰهُ

هرگز پت نہ ڪنداسون | توهان تي | ٻڌايون آهن اسان کي | الله | توهان جون ڳالهيون، | ۽ | جلد ڏسندو | الله

اوهان (جي ڳالهہ) کي ڪڏهن نہ مڃينداسون، بيشڪ اوهان جي حال کان الله اسان کي خبر ڏني آهي. ۽ الله ۽

عَمَلَكُمْ وَرَسُوْلُهٗ ثُمَّ تُرَدُّوْنَ اِلٰى عٰلِمِ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ

توهان جي ڪردار کي | ۽ | ان جو رسول | پوءِ | موٽايا ويندؤ | جاڻندڙ ڳجهہ | ۽ | ظاهر جي ڏانهن

سندس پيغمبر اوهان جا عمل سگهوئي ڏسندو وري ڳجهہ ۽ ظاهر جي جاڻندڙ (الله) ڏانهن موٽايا ويندؤ

فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٩٤﴾ سَيَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ لَكُمْ اِذَا

پوءِ اهو خبر ڏيندو توهان کي | جيڪي | توهان عمل ڪندا هئا. | جهٽ قسم کڻندا | الله جو | توهان سان | جڏهن

پوءِ جيڪي تي ڪيو تنهن جي اوهان کي سُڌ ڏيندو. جڏهن انهن ڏانهن موٽندؤ (تڏهن) ستت ئي اوهان جي آڏو

انْقَلَبْتُمْ اِلَيْهِمْ لِتُعْرِضُوْا عَنْهُمْ ؕ فَاَعْرِضُوْا عَنْهُمْ ؕ اِنَّهُمْ

توهان موٽندؤ | انهن ڏانهن | جيئن ڇڏي ڏيو | انهن کي، | پوءِ ڇڏي ڏيو | انهن کي، | بيشڪ اهي

الله جو قسم هن لاءِ کڻندا تہ (اوهين) کانئن مڙي وڃو، پوءِ کانئن مڙي وڃو، ڇو تہ اهي

رِجْسٌ ؗ وَّمَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ۚ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿٩٥﴾ يَحْلِفُوْنَ

گندا آهن | ۽ | جاءِ انهن جي | دوزخ آهي، | عوض | سندن ڪمن جي. | قسم کڻن ٿا

پليت آهن ۽ جيڪي ڪمائيندا رهيا تنهن جي عيوض ۾ سندن جاءِ دوزخ آهي. اوهان وٽ هن لاءِ قسم کڻندا تہ

لَكُمْ لِتَرْضَوْا عَنْهُمْ ۚ فَاِنْ تَرْضَوْا عَنْهُمْ فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يَرْضٰى

توهان سان | جيئن توهان راضي ٿيو | انهن کان، | پوءِ جيڪڏهن | توهان راضي ٿيندؤ | انهن کان | تہ | الله | نہ | راضي ٿيندو

(اوهين) کانئن راضي ٿيو، پوءِ جيڪڏهن (اوهين) کانئن راضي ٿيندؤ تہ (بہ) الله

عَنِ الْقَوْمِ الْفٰسِقِيْنَ ﴿٩٦﴾ اَلْاَعْرَابُ اَشَدُّ كُفْرًا وَّنِفَاقًا وَّاَجْدَرُ

نافرمان قوم کان، | جهنگلي ماڻهو | زور سخت آهن | ڪفر | ۽ | نفاق ۾ | لائق آهن

بي دين ماڻهن کان راضي نہ ٿيندو. بدوي ڪفر ۽ منافقيءَ ۾ تمام سخت آهن ۽ هن (عادت) جوڳا آهن

اَلَّا يَعْلَمُوْا حُدُوْدَ مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ عَلٰى رَسُوْلِهٖ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ

جو نہ | جاڻن اهي | قاعدا | جيڪي | نازل ڪيا | الله | پنهنجي رسول تي، | ۽ | الله | جاڻندڙ آهي

جو الله پنهنجي پيغمبر تي جيڪي حڪم لاٿا تنهن جون (شرعي) حدون نہ جاڻن، ۽ الله جاڻندڙ

CamScanner

Maktaba Tul Ishaat.com

حَكِيْمٌ ﴿٩٧﴾ وَمِنَ الْاَعْرَابِ مَنْ يَّتَّخِذُ مَا يُنْفِقُ مَغْرَمًا وَّيَتَرَبَّصُ
حڪمت وارو آهي. ۽ ڪي ٻهراڙي جا اهڙا آهن جو ڀانئين ٿا خيرات ڏيڻ کي چٽي ۽ انتظار ڪن ٿا
حڪمت وارو آهي. ۽ ٻدوين مان ڪي اهڙا آهن جو جيڪي خرچ ڪن ٿا سو چٽي ڄاڻند آهن ۽ اوهان تي زماني جي

بِكُمُ الدَّوَآئِرَ ؕ عَلَيْهِمْ دَآئِرَةُ السَّوْءِ ؕ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٩٨﴾
توهان تي زماني جي چڪرن جو، انهن تي اچي چڪر برائيءَ جو، ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي.
ڦيرگهير (اچڻ) جا منتظر آهن. زماني جو بڇڙو ڦيرو مٿن هجي (شال)! ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي.

وَمِنَ الْاَعْرَابِ مَنْ يُّؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَيَتَّخِذُ مَا
۽ ڪي ٻهراڙيءَ وارا اهڙا آهن جو ايمان آڻن ٿا الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ۽ سمجهن ٿا
۽ ٻدوين مان ڪي اهڙا آهن جي الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيندا آهن ۽ جيڪي خرچيندا آهن

يُنْفِقُ قُرُبٰتٍ عِنْدَ اللّٰهِ وَصَلَوٰتِ الرَّسُوْلِ ؕ اَلَآ اِنَّهَا قُرْبَةٌ لَّهُمْ ؕ
خيرات ڪرڻ کي ويجهڙايون الله وٽ ۽ دعائون رسول جون، خبردار بلاشڪ اها ويجهڙائي آهي انهن لاءِ،
تنهن کي الله وٽ ويجهڙائيءَ جو ۽ پيغمبر جي دعائن (حاصل ڪرڻ) جو وسيلو ڪري وٺندا آهن. بيشڪ اها انهن لاءِ ويجهڙائيءَ (جو سبب)

سَيُدْخِلُهُمُ اللّٰهُ فِيْ رَحْمَتِهٖ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٩٩﴾ وَالسّٰبِقُوْنَ ع ١٢
جلد داخل ڪندو انهن کي الله پنهنجي رحمت ۾، بيشڪ الله بخشيندڙ مهربان آهي. ۽ اڳرائي ڪندڙ
آهي. الله کين پنهنجي رحمت هيٺ سگهوئي داخل ڪندو. ڇو ته الله بخشڻهار مهربان آهي. ۽

الْاَوَّلُوْنَ مِنَ الْمُهٰجِرِيْنَ وَالْاَنْصَارِ وَالَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُمْ بِاِحْسَانٍ ۙ
سڀ کان اول هجرت ڪندڙ ۽ مدد ڪندڙ ۽ جيڪي تابع ٿيا انهن جا چڱائي سان
مهاجرن ۽ انصارن مان (ايمان ۾) اڳرائي ڪرڻ وارا ۽ جن چڱائي سان سندن تابعداري ڪئي

رَّضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ وَاَعَدَّ لَهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ
راضي ٿيو الله انهن کان ۽ اهي راضي ٿيا ان کان ۽ تيار ڪيائين انهن لاءِ باغ وهن ٿيون
انهن (سڀني) کان الله راضي آهي ۽ اهي ڪانئس راضي آهن ۽ انهن لاءِ باغ تيار ڪيا اٿس جن جي هيٺان

تَحْتَهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ؕ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿١٠٠﴾
جن جي هيٺان واهيون هميشه رهندا ان ۾ سدائين، اهائي ڪاميابي وڏي آهي.
نهرون وهنديون آهن منجهن سدائين رهڻ وارا آهن. اِها وڏي مراد ماڻڻ آهي. ۽

وَمِمَّنْ حَوْلَكُمْ مِّنَ الْاَعْرَابِ مُنٰفِقُوْنَ ؕ وَمِنْ اَهْلِ الْمَدِيْنَةِ ؔقف وقف منزل ١٢
۽ ڪجهه آهن توهان جي چوڌاري ٻهراڙي جا منافق، ۽ ڪي مديني وارن مان به،
اوهان جي آس پاس وارن ٻدوين مان (به) ڪي منافق آهن. ۽ مديني وارن مان (به)

CamScanner

Maktaba Tul Ishaat.com

مَرَدُوْا عَلَى النِّفَاقِ ۫ لَا تَعْلَمُهُمْ ؕ نَحْنُ نَعْلَمُهُمْ ؕ سَنُعَذِّبُهُمْ
اڙجي بيٺا آهن نفاق تي، نہ تو ڄاڻين تون انهن کي، اسان ڄاڻون ٿا انهن کي، جلد سزا ڏينداسون انهن کي
کي منافقيءَ تي عادتي ٿي ويا آهن. (تون) کين نہ ڄاڻندو آهين. اسين اُنهن کي ڄاڻندا آهيون. سگهوئي کين
مَّرَّتَيْنِ ثُمَّ يُرَدُّوْنَ اِلٰى عَذَابٍ عَظِيْمٍ ۚ ﴿١٠١﴾ وَاٰخَرُوْنَ اعْتَرَفُوْا
ٻہ ڀيرا پوءِ موٽايا ويندا عذاب وڏي ڏانهن. ۽ ٻيا جن اقرار ڪيو
ٻہ ڀيرا عذاب ڪنداسون وري وڏي عذاب ڏانهن موٽايا ويندا. ۽ ٻيا (اهڙا) آهن جن پنهنجا گناه
بِذُنُوْبِهِمْ خَلَطُوْا عَمَلًا صَالِحًا وَّاٰخَرَ سَيِّئًا ؕ عَسَى اللّٰهُ اَنْ
پنهنجي گناهن جو گڏايائون عمل چڱا ۽ ٻيا خراب، ويجهو آهي الله جو
ٻاسيا آهن. (اُنهن) چڱا ڪم ۽ ٻيا بڇڙا ڪم گڏي سڏي ڪيا آهن. اُميد آهي تہ الله
يَّتُوْبَ عَلَيْهِمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٠٢﴾ خُذْ مِنْ اَمْوَالِهِمْ صَدَقَةً
بخشي انهن کي، بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي. قبول ڪر انهن جي ملڪيت مان خيرات جو
مٿن ٻاجهہ سان موٽندو. چو تہ الله بخشڻهار مهربان آهي. سندن مالن مان زڪوات وصول ڪر! تہ ان سان کين
تُطَهِّرُهُمْ وَتُزَكِّيْهِمْ بِهَا وَصَلِّ عَلَيْهِمْ ؕ اِنَّ صَلٰوتَكَ سَكَنٌ
پاڪ ڪرين تون انهن کي ۽ دل صاف ڪرين انهن جي ان سان ۽ دعا گهر انهن لاءِ، بيشڪ دعا تنهنجي قرار آهي
(ظاهر ۾ بہ) پاڪ ڪندو رهين ۽ کين (باطن ۾ بہ) سٺو ڪندو رهين ۽ مٿن رحمت جي دعا گهر، چو تہ تنهنجي دعا اُنهن لاءِ راحت آهي،
لَّهُمْ ؕ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿١٠٣﴾ اَلَمْ يَعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ هُوَ يَقْبَلُ التَّوْبَةَ
انهن لاءِ. ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. ڇا نہ ڄاتائون تہ الله ئي قبول ڪندو آهي توبہ
۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. ڄاڻندا نہ آهن ڇا؟ تہ الله ئي پنهنجي ٻانهن جي توبهہ قبول ڪندو آهي
عَنْ عِبَادِهٖ وَيَاْخُذُ الصَّدَقٰتِ وَاَنَّ اللّٰهَ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿١٠٤﴾
پنهنجي ٻانهن جي ۽ وٺندو آهي خيراتون ۽ بيشڪ الله ئي توبہ قبوليندڙ مهربان آهي.
۽ (سندن) خيراتون قبول ڪندو آهي ۽ بيشڪ الله ئي توبهہ قبول ڪندڙ مهربان آهي.
وَقُلِ اعْمَلُوْا فَسَيَرَى اللّٰهُ عَمَلَكُمْ وَرَسُوْلُهٗ وَالْمُؤْمِنُوْنَ ؕ وَ
۽ چؤ توهان ڪم ڪريو پوءِ اجهو ڏسندو الله توهان جي ڪم کي ۽ ان جو رسول ۽ مسلمان، ۽
۽ چئو تہ عمل ڪريو پوءِ الله ۽ سندس پيغمبر ۽ مؤمن (سڀئي) اوهان جا عمل ڏسندا. ۽
سَتُرَدُّوْنَ اِلٰى عٰلِمِ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ۚ ﴿١٠٥﴾
جلد موٽايا ويندؤ ڄاڻندڙ ڳجهہ ۽ ظاهر جي طرف پوءِ خبر ڏيندو توهان کي جيڪي توهان ڪندا هئا.
ڳجهہ ۽ ظاهر جي ڄاڻندڙ (الله) ڏانهن سگهو موٽايا ويندؤ پوءِ جيڪي ڪندا آهيو تنهن جي اوهان کي سُڌ ڏيندو.

CamScanner

Maktaba Tul Ishaat.com

وَاٰخَرُوۡنَ مُرۡجَوۡنَ لِاَمۡرِ اللّٰهِ اِمَّا يُعَذِّبُهُمۡ وَاِمَّا يَتُوۡبُ عَلَيۡهِمۡ ؕ

۽ ڪي ٻيا ڍر ڍل آهن الله جي فيصلي تائين اهو عذاب ڪري انهن کي يا معاف ڪري انهن کي،

۽ ٻيا (رهجي ويل) الله جي حڪم لاءِ رهايل آهن ته يا کين عذاب ڪري يا کين معاف ڪري، ۽ الله ڄاڻندڙ

وَاللّٰهُ عَلِيۡمٌ حَكِيۡمٌ ﴿١٠٦﴾ وَالَّذِيۡنَ اتَّخَذُوۡا مَسۡجِدًا ضِرَارًا وَّكُفۡرًا

۽ الله ڄاڻندڙ آهي حڪيم آهي، ۽ جن ٺاهي مسجد نقصان پهچائڻ لاءِ ۽ ڪفر لاءِ

حڪمت وارو آهي. ۽ (انهن مان اهڙا به آهن) جن نقصان پهچائڻ ۽ ڪفر ڪرڻ ۽ مسلمانن جي وچ ۾ ڏڦيڙ وجهڻ

وَّتَفۡرِيۡقًا بَيۡنَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ وَاِرۡصَادًا لِّمَنۡ حَارَبَ اللّٰهَ وَرَسُوۡلَهٗ

۽ ڦوٽ وجهڻ لاءِ مسلمانن جي وچ ۾ ۽ گهٽ ٺاهڻ خاطر انهن لاءِ جن جنگ ڪئي الله ۽ ان جي رسول سان

۽ جن (ماڻهن) الله ۽ سندس پيغمبر سان اڳ ويڙهه ڪئي آهي تن واسطي گهات ٺاهڻ لاءِ (هڪ) مسجد بڻائي آهي،

مِنۡ قَبۡلُ ؕ وَلَيَحۡلِفُنَّ اِنۡ اَرَدۡنَاۤ اِلَّا الۡحُسۡنٰى ؕ وَاللّٰهُ يَشۡهَدُ اِنَّهُمۡ

اڳ ۾، ۽ اهي ضرور قسم کڻندا ته اسان نيت ڪئي هئي نيڪيءَ جي، پر الله شاهدي ڏئي ٿو ته اهي

۽ (اهي) ضرور قسم کڻندا ته چڱائي کان سواءِ اسان جو (بڻائڻ ۾) ٻيو ڪو ارادو نه آهي. ۽ الله شاهدي ڏئي ٿو ته اهي

لَكٰذِبُوۡنَ ﴿١٠٧﴾ لَا تَقُمۡ فِيۡهِ اَبَدًا ؕ لَمَسۡجِدٌ اُسِّسَ عَلَى التَّقۡوٰى

ڪوڙا آهن. نه بيهه انهيءَ ۾ ڪڏهين به، البت مسجد جا ٺاهي وئي پرهيز تي

ڪوڙا آهن. منجهس اصلي نه بيهه! (جا مسجد) پهرين ڏينهن کان ئي پرهيزگاريءَ تي اڏي وئي آهي

مِنۡ اَوَّلِ يَوۡمٍ اَحَقُّ اَنۡ تَقُوۡمَ فِيۡهِ ؕ فِيۡهِ رِجَالٌ يُّحِبُّوۡنَ اَنۡ يَّتَطَهَّرُوۡا ؕ

پهرين ڏينهن کان لائق آهي جو تون بيهين ان ۾، انهيءَ ۾ مرد آهن جي پسند ٿا ڪن پاڪ رهڻ کي،

تنهن ۾ تو کي بيهڻ (يعني نماز پڙهڻ ۽ پڙهائڻ) وڌيڪ لائق آهي. جنهن ۾ اهڙا مرد آهن جي پاڪ رهڻ کي دوست رکندا آهن.

وَاللّٰهُ يُحِبُّ الۡمُطَّهِّرِيۡنَ ﴿١٠٨﴾ اَفَمَنۡ اَسَّسَ بُنۡيَانَهٗ عَلٰى تَقۡوٰى

۽ الله پسند ڪندو آهي پاڪ رهڻ وارن کي. ڇا پوءِ جنهن رکيو بنياد انهيءَ جو خوف

۽ الله، پاڪ رهڻ وارن کي دوست رکندو آهي. جنهن پنهنجي اڏاوت الله جي ڊپ ۽ (سندس) رضامنديءَ تي اڏي

مِنَ اللّٰهِ وَرِضۡوَانٍ خَيۡرٌ اَمۡ مَّنۡ اَسَّسَ بُنۡيَانَهٗ عَلٰى شَفَا

خدا تي ۽ ان جي رضا تي اهو ڀلو آهي يا جنهن اڏيو بنياد ان جو مٿان ڪناري

سو ڀلو آهي يا اهو جنهن پنهنجي اڏاوت نئن جي ڪرندڙ ڀر تي اڏي؟

جُرُفٍ هَارٍ فَانۡهَارَ بِهٖ فِىۡ نَارِ جَهَنَّمَ ؕ وَاللّٰهُ لَا يَهۡدِى

ڪاڏل ڪپر ڍهندڙ جي پوءِ ڍهي پيو ان سميت دوزخ جي باهه ۾، ۽ الله نه ٿو هدايت ڪري

پوءِ اها اڏيندڙ سميت دوزخ جي باهه ۾ ڪري، ۽ الله ظالمن جي قوم کي هدايت نه

CS CamScanner

Maktaba Tul Ishaat.com

الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٠٩﴾ لَا يَزَالُ بُنْيَانُهُمُ الَّذِيْ بَنَوْا رِيْبَةً فِيْ قُلُوْبِهِمْ

ظلم ڪندڙ قوم کي. هميشه ٿي پئي سندن اڏاوت جا ٺاهيائون، ارمان انهن جي دلين ۾

ڪندو آهي. جو بنياد بڻايائون سو سدائين سندن دلين ۾ شڪ (جو سبب) رهندو،

اِلَّآ اَنْ تَقَطَّعَ قُلُوْبُهُمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿١١٠﴾ ع اِنَّ اللّٰهَ اشْتَرٰى

جيسين جو ڪپجي پون دليون انهن جون، ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي. بيشڪ الله خريد ڪيا

سندن دلين جي وڍڻ کان سواءِ نه ويندو، ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي. الله مؤمنن کان سندن

مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ اَنْفُسَهُمْ وَاَمْوَالَهُمْ بِاَنَّ لَهُمُ الْجَنَّةَ ؕ

مسلمانن کان انهن جا ساهه ۽ انهن جا مال ته انهن لاءِ آهي جنت.

سر ۽ سندن مال هن ڪري ورتا جو پڪ بهشت انهن لاءِ آهي،

يُقَاتِلُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ فَيَقْتُلُوْنَ وَيُقْتَلُوْنَ تف وَعْدًا عَلَيْهِ

وڙهن ٿا الله جي راهه ۾ پوءِ مارن ٿا ۽ مارجن ٿا، وعدو آهي انهيءَ تي

(اهي) اُن (انجام) تي الله جي واٽ ۾ وڙهندا آهن پوءِ ماريندا (به) آهن ۽ ماريا (به آهن). جو انجام

حَقًّا فِي التَّوْرٰىةِ وَالْاِنْجِيْلِ وَالْقُرْاٰنِ ؕ وَمَنْ اَوْفٰى بِعَهْدِهٖ

سچو تورات ۽ انجيل ۽ قرآن ۾، ۽ ڪير آهي وڌيڪ پاڙيندڙ پنهنجو وعدو

توريت ۽ انجيل ۽ قرآن ۾ پڪيءَ طرح ٺهراءُ ڪيل آهي، ۽ الله کان وڌيڪ پنهنجي انجام

مِنَ اللّٰهِ فَاسْتَبْشِرُوْا بِبَيْعِكُمُ الَّذِيْ بَايَعْتُمْ بِهٖ ؕ وَذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ

الله کان پوءِ خوش رهو پنهنجي واپار تي جو وڻجيو اٿوَ اُهو، ۽ اها ئي ڪاميابي

ڪي پورو ڪندڙ ڪير آهي؟ پوءِ جنهن سودي جي بدران اوهان پاڻ کي وڪيو آهي تنهن سان خوش ٿيو. ۽ اِهائي

الْعَظِيْمُ ﴿١١١﴾ اَلتَّآئِبُوْنَ الْعٰبِدُوْنَ الْحٰمِدُوْنَ السَّآئِحُوْنَ الرّٰكِعُوْنَ

وڏي آهي. اهي توبه ڪندڙ آهن عبادت ڪندڙ شڪر ڪندڙ روزا رکندڙ رڪوع ڪندڙ

وڏي مراد ماڻڻ آهي. توبهه ڪندڙ، عبادت ڪندڙ، ساراهه ڪندڙ، (خدا جي واٽ ۾) مسافري ڪندڙ، رڪوع

السّٰجِدُوْنَ الْاٰمِرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَالنَّاهُوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَ

سجدو ڪندڙ حڪم ڪندڙ چڱائي جو ۽ روڪيندڙ برائي کان ۽

ڪندڙ، سجدو ڪندڙ، چڱائيءَ جو حڪم ڪندڙ ۽ مدائي کان جهليندڙ ۽ الله جي حدن

الْحٰفِظُوْنَ لِحُدُوْدِ اللّٰهِ ؕ وَبَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١١٢﴾ مَا كَانَ لِلنَّبِيِّ وَ

نگهباني ڪندڙ الله جي احڪام جي، ۽ خوشخبري ڏج ايمان وارن کي. ناهي اجازت نبيءَ کي ۽

کي نگاهه ۾ رکندڙ (انهن لاءِ بهشت جو انجام آهي)، ۽ (اهڙن) مؤمنن کي خوشخبري ڏي!. پيغمبر ۽

Maktaba Tul Ishaat.com

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنْ يَّسْتَغْفِرُوْا لِلْمُشْرِكِيْنَ وَلَوْ كَانُوْٓا اُولِيْ قُرْبٰى

مومنن کي | جو | معافي گهرن | مشرڪن لاءِ | جيتوڻيڪ هجن | مائٽ

مومنن کي مشرڪن لاءِ ڪين (هن ڳالهه جي) پڌري ٿين کان پوءِ ته اهي دوزخي آهن

مِنْۢ بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُمْ اَنَّهُمْ اَصْحٰبُ الْجَحِيْمِ ﴿١١٣﴾ وَمَا كَانَ اسْتِغْفَارُ

هن کان پوءِ | جو ظاهر ٿيو | انهن لاءِ | ته اهي | دوزخي آهن. | ۽ نه | هئي | بخشش گهرڻ

بخشش گهرڻ نه جڳائي توڙيڪ مائٽيءَ وارا هجن. ۽ ابراهيم جو پنهنجي پيءُ لاءِ

اِبْرٰهِيْمَ لِاَبِيْهِ اِلَّا عَنْ مَّوْعِدَةٍ وَّعَدَهَآ اِيَّاهُ ۚ فَلَمَّا تَبَيَّنَ لَهٗٓ

ابراهيم جي | پنهنجي پيءُ لاءِ | مگر | وعدي جي ڪري | جو اهو ڪيو هئائين | ان سان، | پوءِ جڏهن | خبر پيس ته

بخشش گهرڻ، انجام کان سواءِ نه هو جو ان ساڻس انجام ڪيو هو، پوءِ جنهن دم ڪيس پڌرو ٿيو

اَنَّهٗ عَدُوٌّ لِّلّٰهِ تَبَرَّاَ مِنْهُ ۭ اِنَّ اِبْرٰهِيْمَ لَاَوَّاهٌ حَلِيْمٌ ﴿١١٤﴾ وَمَا كَانَ اللّٰهُ

اهو | دشمن آهي | الله جو | ته بيزار ٿيو | انهيءَ کان، | بيشڪ | ابراهيم | نرم دل | سهپ وارو هو. | ۽ | الله اهڙو نه آهي

ته اهو الله جو ويري آهي (تنهن دم) کانئس بيزار ٿيو. بيشڪ ابراهيم بلڪل ڪُونئريءَ دل وارو (۽) بردبار هو. ۽

لِيُضِلَّ قَوْمًۢا بَعْدَ اِذْ هَدٰىهُمْ حَتّٰى يُبَيِّنَ لَهُمْ مَّا يَتَّقُوْنَ ۭ

جو گمراهه ڪري | ڪنهن قوم کي | هن کان پوءِ جو | هدايت ڪيائين انهن کي | تان جو | پڌرائي | انهن کي | اهو | جنهن کان پرهيز ڪن.

الله جو ڪر نه آهي جو ڪنهن قوم کي سڌي رستي ڏيکارڻ کان پوءِ ڪين گمراهه ڪري جيسين اُهي (ڳالهيون) اُنهن لاءِ پڌريون (نه)

اِنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿١١٥﴾ اِنَّ اللّٰهَ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ

بيشڪ | الله | هر شيءِ کي | ڄاڻندڙ آهي. | بيشڪ | الله | لاءِ ئي آهي | بادشاهي | آسمانن | ۽ | زمين جي.

ڪري جن کان اُنهن کي بچڻ گهرجي. بيشڪ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي. بيشڪ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي الله جي ئي آهي.

يُحْيٖ وَيُمِيْتُ ۭ وَمَا لَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ ﴿١١٦﴾

اهو جياري ٿو | ۽ ماري ٿو. | ۽ ناهي | توهان لاءِ | الله کان سواءِ | ڪوئي | دوست | ۽ نڪو | مددگار.

(اهو) جياري ٿو ۽ ماري ٿو. ۽ الله کان سواءِ اوهان جو نه ڪو دوست ۽ نه ڪو مدد ڏيندڙ آهي.

لَقَدْ تَّابَ اللّٰهُ عَلَى النَّبِيِّ وَالْمُهٰجِرِيْنَ وَالْاَنْصَارِ الَّذِيْنَ

يقينن | الله مهربان ٿيو | نبي | ۽ | مهاجرن | ۽ | انصار تي | جن

پيغمبر ۽ اُنهن مهاجرن ۽ انصارن تي بيشڪ الله ٻاجهه سان موٽيو جن سوڙهه جي وقت ۾

اتَّبَعُوْهُ فِيْ سَاعَةِ الْعُسْرَةِ مِنْۢ بَعْدِ مَا كَادَ يَزِيْغُ قُلُوْبُ فَرِيْقٍ

ساٿ ڏنو ان کي | وقت ڏکئي ۾ | هن کان پوءِ | جو | ڦري وڃڻ تي هيون | دليون | هڪ ٽولي جون

پيغمبر جي تابعداري ڪئي اُن کان پوءِ جو منجهانئن هڪ ٽوليءَ جون دليون لڏي وڃڻ تي ويجهيون هيون.

CamScanner

Maktaba Tul Ishaat.com

مِّنْهُمْ ثُمَّ تَابَ عَلَيْهِمْ ۚ اِنَّهٗ بِهِمْ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿١١٧﴾ وَّعَلَى الثَّلٰثَةِ

انهن مان | پوءِ مهربان ٿيو | انهن تي، | بيشڪ اهو | انهن سان | نرمي ڪندڙ | رحم وارو آهي. | ۽ | انهن | ٽن تي به

وري (الله) مٿن ٻاجهه سان موٽيو. ڇو ته اهو مٿن شفقت ڪندڙ مهربان آهي. ۽ انهن ٽن تي (به) جيڪي (جهاد

الَّذِيْنَ خُلِّفُوْا ۚ حَتّٰٓى اِذَا ضَاقَتْ عَلَيْهِمُ الْاَرْضُ بِمَا رَحُبَتْ

جن کي | پوئتي رکيو ويو، | نيٺ | جڏهن | تنگ ٿي | انهن تي | ڌرتي | ويڪراڻ هوندي

کان) رهجي ويا هئا. تان جو جڏهن زمين ايتريءَ ويڪرائي هوندي به مٿن سوڙهي ٿي ويئي هئي ۽ سندن ساهه

وَضَاقَتْ عَلَيْهِمْ اَنْفُسُهُمْ وَظَنُّوْٓا اَنْ لَّا مَلْجَاَ مِنَ اللّٰهِ اِلَّآ

۽ سوڙها ٿيا | انهن تي | ساهه انهن جا | ۽ پانيائون | ته | ناهي | بچاءُ | الله کان | مگر

مٿن مُنجهيا هئا ۽ پانيائون ٿي ته (هاڻي) الله (جي عذاب) کان بچڻ جي جاءِ سندس (بارگاهه) کان سواءِ ڪونه

ع ٤ اِلَيْهِ ۚ ثُمَّ تَابَ عَلَيْهِمْ لِيَتُوْبُوْا ۚ اِنَّ اللّٰهَ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿١١٨﴾

انهيءَ ڏانهن. | پوءِ | ٻاجهه ڪيائين | انهن تي | جيئن توبه ڪن، | بيشڪ | الله | توبه قبوليندڙ | رحم وارو آهي.

آهي. وري مٿن هن لاءِ ٻاجهه سان موٽيو ته توبه ڪن. ڇو ته الله ئي توبه قبول ڪندڙ مهربان آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَكُوْنُوْا مَعَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿١١٩﴾ مَا كَانَ

اي ايمان وارو! | ڊڄو | الله کان | ۽ | هجو | گڏ | سچن سان. | نه | جڳائي

اي ايمان وارو! الله کان ڊڄو ۽ سچن سان گڏ هجو.

لِاَهْلِ الْمَدِيْنَةِ وَمَنْ حَوْلَهُمْ مِّنَ الْاَعْرَابِ اَنْ يَّتَخَلَّفُوْا

مديني وارن لاءِ | ۽ | جيڪي | انهن جي چوڌاري | بدوي آهن | ته | پوئتي رهن

مديني وارن ۽ سندس آس پاس وارن بدوين کي نه ڪي الله جي پيغمبر کان (جهاد ۾)

عَنْ رَّسُوْلِ اللّٰهِ وَلَا يَرْغَبُوْا بِاَنْفُسِهِمْ عَنْ نَّفْسِهٖ ۚ ذٰلِكَ

رسول الله کان | ۽ | نه | زياده گهرن | پنهنجي سرن کي | ان جي سِرَ کان، | اِهو

پوئتي رهڻ ۽ نڪي سندس وجود کان پاڻ کي پيارو رکڻ جڳائي. اهو

بِاَنَّهُمْ لَا يُصِيْبُهُمْ ظَمَاٌ وَّلَا نَصَبٌ وَّلَا مَخْمَصَةٌ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ

هن ڪري ته | نه | ٿي لڳي انهن کي | ڪا اُڃ | ۽ نه | ڪا ٿڪاوٽ | ۽ نه | بک | الله جي راهه ۾

هن ڪري جو ڪين نڪي اُڃ ۽ نڪي ڏک ۽ نڪي بک الله جي واٽ ۾ پهچندي آهي

وَلَا يَطَـُٔوْنَ مَوْطِئًا يَّغِيْظُ الْكُفَّارَ وَلَا يَنَالُوْنَ مِنْ عَدُوٍّ

۽ نه | ٿا لنگهن | ڪنهن لڪ تان | جو ڪاوڙائي ٿو | ڪافرن کي | ۽ | نه | ٿا لهن | دشمن کان

۽ نڪي اهڙي هنڌ ويندا آهن جتي ڪافر ڪاوڙجن ۽ نڪي دشمن کان (ڪو) اهنج پهچندو اٿن

CS CamScanner

Maktaba Tul Ishaat.com

نَّيْلًا اِلَّا كُتِبَ لَهُمْ بِهٖ عَمَلٌ صَالِحٌ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُضِيْعُ اَجْرَ

كا شيءِ مگر لکجي ٿو انهن لاءِ ان سان عمل صالح، بيشڪ الله نه ٿو وڃائي ثواب

پر انهن (هر هڪ ڳالهه جي) بدلي چڱو عمل لکيو ويندو آهي، ڇو ته الله ڀلارن جو اجر نه

الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۱۲۰﴾ وَلَا يُنْفِقُوْنَ نَفَقَةً صَغِيْرَةً وَّلَا كَبِيْرَةً

چڱائي ڪندڙن جو. ۽ نه ٿا خرچ ڪن ڪو خرچ ننڍو يا وڏو

وڃائيندو آهي. ۽ ڪوبه خرچ ٿورو يا گهڻو نه ڪندا آهن نڪي ڪا وادي

وَّلَا يَقْطَعُوْنَ وَادِيًا اِلَّا كُتِبَ لَهُمْ لِيَجْزِيَهُمُ اللّٰهُ اَحْسَنَ مَا

۽ نه ٿا پار ڪن ڪا وادي مگر لکجي ٿو انهن لاءِ جيئن بدلو ڏئي انهن کي الله بهتر ان کان

ٽپندا آهن پر انهن لاءِ (چڱو عمل) هن لاءِ لکيو ويندو آهي ته جيڪو تمام چڱو ڪم ڪندا آهن

كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۲۱﴾ وَمَا كَانَ الْمُؤْمِنُوْنَ لِيَنْفِرُوْا كَآفَّةً ؕ فَلَوْلَا

جيڪو ڪم ڪن ٿا. ۽ نه هئو جو مسلمان نڪري پون سمورا، پوءِ ڇو نه

تنهن جو کين الله بدلو ڏئي. ۽ مؤمنن کي نه ٺهندو آهي جو مڙيئي (گڏ)٠ نڪرن، پوءِ

نَفَرَ مِنْ كُلِّ فِرْقَةٍ مِّنْهُمْ طَآئِفَةٌ لِّيَتَفَقَّهُوْا فِى الدِّيْنِ وَ

تو نڪري انهن جي هر قوم مان ڪو ٽولو جيئن علم حاصل ڪن دين جو ۽

ٽوليءَ مان کي ڄڻا منجهانئن هن لاءِ ڇو نه نڪرندا آهن؟ ته دين ۾ عالم ٿين ۽

لِيُنْذِرُوْا قَوْمَهُمْ اِذَا رَجَعُوْٓا اِلَيْهِمْ لَعَلَّهُمْ يَحْذَرُوْنَ ﴿۱۲۲﴾ ع يٰٓاَيُّهَا ١٥

ڊيڄارين پنهنجي قوم کي جڏهن موٽي اچن انهن ڏانهن مَن اهي هوشيار ٿين. اي

جڏهن پنهنجي قوم ڏانهن موٽي وڃن تڏهن ان کي ڊيڄارين ته مَن اهي ڊڄن.

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قَاتِلُوا الَّذِيْنَ يَلُوْنَكُمْ مِّنَ الْكُفَّارِ وَلْيَجِدُوْا فِيْكُمْ

ايمان وارو! لڙو انهن سان جيڪي ويجها آهن توهان کي ڪافر ۽ ڀلي لهن توهان ۾

اي مؤمنو! ڪافرن مان جيڪي اوهان جي آس پاس آهن تن سان وڙهو ۽ ڀلي ته (اهي) اوهان ۾ ڪا

غِلْظَةً ؕ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ مَعَ الْمُتَّقِيْنَ ﴿۱۲۳﴾ وَاِذَا مَآ اُنْزِلَتْ سُوْرَةٌ

سختي، ۽ ڄاڻو ته الله گڏ آهي پرهيزگارن سان. ۽ جڏهن لاهجي ٿي ڪا سورت

ڏاڍائي ڏسن، ۽ ڄاڻو ته الله پرهيزگارن سان گڏ آهي.۽ جڏهن ڪا به سورة لاهبي آهي

فَمِنْهُمْ مَّنْ يَّقُوْلُ اَيُّكُمْ زَادَتْهُ هٰذِهٖٓ اِيْمَانًا ۚ فَاَمَّا الَّذِيْنَ

پوءِ انهن مان ڪي چون ٿا ڪنهن جو توهان مان وڌايو هن سورت ايمان، پوءِ جن ماڻهن

تڏهن منجهانئن ڪو اهڙو آهي جو چوندو آهي ته هن سورة اوهان مان ڪهڙي جو ايمان وڌايو آهي؟ پوءِ جن

Maktaba Tul Ishaat.com

اٰمَنُوْا فَزَادَتْهُمْ اِيْمَانًا وَّهُمْ يَسْتَبْشِرُوْنَ ﴿١٢٤﴾ وَاَمَّا الَّذِيْنَ
ايمان آندو تہ وڌايائين انهن جو ايمان ۽ اهي خوش ٿا ٿين. ۽ پوءِ جن جي
ايمان آندو آهي تن جي ايمان کي وڌايو اٿس ۽ اهي خوش ٿيندا آهن. ۽ جن

فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ فَزَادَتْهُمْ رِجْسًا اِلٰى رِجْسِهِمْ وَمَاتُوْا
دلين ۾ مرض آهي پوءِ وڌايائين انهن لاءِ پليتي سندن پليتيءَ تي ۽ مري ويا
جي دلين ۾ بيماري آهي تن کي پليتيءَ تي پليتي وڌائي اٿس ۽ اهي

وَهُمْ كٰفِرُوْنَ ﴿١٢٥﴾ اَوَلَا يَرَوْنَ اَنَّهُمْ يُفْتَنُوْنَ فِيْ كُلِّ عَامٍ مَّرَّةً
۽ اهي ڪافر هئا. ڇا نہ ٿا ڏسن تہ اهي مصيبت ۾ پون ٿا هر سال ۾ هڪ ڀيرو
ڪافر ٿي مئا. نہ ڏسندا آهن ڇا تہ هر سال هڪ ڀيرو يا ٻہ ڀيرا سزا ڏني ويندي اٿن؟

اَوْ مَرَّتَيْنِ ثُمَّ لَا يَتُوْبُوْنَ وَلَا هُمْ يَذَّكَّرُوْنَ ﴿١٢٦﴾ وَاِذَا مَآ اُنْزِلَتْ
يا ٻہ ڀيرا پوءِ بہ توبہ نہ ٿا ڪن ۽ نڪي اهي نصيحت ٿا پرائين. ۽ جڏهن لاهجي ٿي
وري نڪي توبهہ ڪندا آهن ۽ نڪي اهي نصيحت وٺندا آهن. ۽ جڏهن ڪا سورة (انهن بابت) نازل ڪبي آهي

سُوْرَةٌ نَّظَرَ بَعْضُهُمْ اِلٰى بَعْضٍ ۭ هَلْ يَرٰىكُمْ مِّنْ اَحَدٍ ثُمَّ
ڪا سورت نهارين ٿا هڪ ٻئي ڏانهن، ڇا توهان کي ڏسي ٿو ڪو نہ ڪوئي؟ پوءِ
(تڏهن) انهن مان هڪڙا ٻين ڏانهن (شرمندگيءَ ڪان) نهاريندا آهن. (۽ چوندا آهن تہ) ڪنهن اوهان کي ڏٺو آهي ڇا؟ وري

انْصَرَفُوْا ۭ صَرَفَ اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَفْقَهُوْنَ ﴿١٢٧﴾
هليا ٿا وڃن، ڦيرايون الله دليون انهن جون هن ڪري تہ اهي ماڻهو نہ ٿا سمجهن.
(گهرن ڏانهن) موٽندا آهن. الله سندن دليون هن سببان ڦيرايون آهن جو اُها بي سمجهہ قوم آهي.

لَقَدْ جَاۗءَكُمْ رَسُوْلٌ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ عَزِيْزٌ عَلَيْهِ مَا عَنِتُّمْ
بيشڪ آيو توهان وٽ رسول توهان منجهان ڏکي لڳي ٿي ان کي توهان جي تڪليف
(اي انسانو!) بيشڪ اوهان جي جنس منجهان اوهان وٽ پيغمبر آيو آهي اوهان جو ڏک مٿس اولو آهي

حَرِيْصٌ عَلَيْكُمْ بِالْمُؤْمِنِيْنَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٢٨﴾ فَاِنْ تَوَلَّوْا
گهڻگهرو آهي توهان جو ايمان وارن سان نرمي ڪندڙ مهربان آهي. پوءِ جيڪڏهن اهي منهن ڦيرين
اوهان (جي هدايت) تي حريص آهي مسلمانن تي شفقت ڪندڙ مهربان آهي، پوءِ جيڪڏهن ڦرن تہ چئو تہ مون

فَقُلْ حَسْبِيَ اللّٰهُ ڶ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۭ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ وَهُوَ رَبُّ
تہ چئو ڪافي آهي الله، ناهي ڪوئي عبادت جي لائق انهي کان سواءِ، ان تي ٿي ڀروسو ڪيم ۽ اهو ئي مالڪ
کي الله ڪافي آهي، اُن کان سواءِ ڪو عبادت جو لائق نہ آهي، مٿس ڀروسو ڪيم ۽ اهو

CamScanner

Maktaba Tul Ishaat.com

الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ ﴿١٢٩﴾ ع

عرش عظيم جو آهي.

وڏي عرش جو مالڪ آهي.

ع ٤٧ ٥

سُوْرَةُ يُوْنُسَ مَكِّيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○ — اٰيَاتُهَا ١٠٩ رُكُوْعَاتُهَا ١١

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

الٓرٰ قف تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْحَكِيْمِ ① اَكَانَ لِلنَّاسِ عَجَبًا اَنْ

الرا. هي آيتون آهن ڪتاب حڪمت واري جون. ڇا ماڻهن کي عجب آهي ته

آلرا. هي آيتون حڪمت واري ڪتاب جون آهن. ماڻهن کي (هيءَ ڳالهه) ڇو عجب ۾ وجهندي آهي؟ جو

اَلْمَنْزِلُ الثَّالِثُ ٣

اَوْحَيْنَآ اِلٰى رَجُلٍ مِّنْهُمْ اَنْ اَنْذِرِ النَّاسَ وَبَشِّرِ الَّذِيْنَ

اسان حڪم موڪليو هڪ مرد ڏانهن انهن مان ته ڊيڄار ماڻهن کي ۽ خوشخبري ڏي

منجهانئن هڪ مڙس ڏانهن وحي موڪليوسون ته ماڻهن کي ڊيڄار ۽ جن ايمان آندو تن کي

اٰمَنُوْٓا اَنَّ لَهُمْ قَدَمَ صِدْقٍ عِنْدَ رَبِّهِمْ ط قَالَ الْكٰفِرُوْنَ

ايمان وارن کي ته انهن جو قدم سچائي جو آهي پنهنجي رب وٽ. چيو ڪافرن

خوشخبري ڏي ته انهن لاءِ سندن پالڻهار وٽ وڏو مرتبو آهي. ڪافرن چيو ته

وَقْفُ النَّبِيِّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ١٢

اِنَّ هٰذَا لَسٰحِرٌ مُّبِيْنٌ ② اِنَّ رَبَّكُمُ اللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ

ته هي جادوگر آهي پڌرو. بيشڪ رب توهان جو الله آهي جنهن پيدا ڪيو آسمانن

هيءُ پڌرو جادوگر آهي. بيشڪ اوهان جو پالڻهار اُهو الله آهي جنهن آسمانن ۽

وَالْاَرْضَ فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ يُدَبِّرُ

۽ زمين کي ڇهن ڏينهن ۾ پوءِ قرار ڪيائين تخت تي هلائي ٿو

زمين کي ڇهن ڏينهن ۾ بڻايو (۽) وري عرش ڏانهن توجه ڪيائين. (اهو ٿي) ڪمن کي رٿيندو آهي.

الْاَمْرَ ط مَا مِنْ شَفِيْعٍ اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ اِذْنِهٖ ط ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ

حڪم کي. ناهي ڪوئي سفارش ڪندڙ مگر ان جي اجازت کان پوءِ. اهو اٿو الله پاليندڙ توهان جو

ڪوئي سفارش ڪندڙ نه آهي پر سندس اجازت کان پوءِ. اهوئي اوهان جو پالڻهار الله آهي

فَاعْبُدُوْهُ ط اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ③ اِلَيْهِ مَرْجِعُكُمْ جَمِيْعًا ط وَعْدَ اللّٰهِ

پوءِ عبادت ڪريو انهي جي. ڇا پوءِ نه تا ڌيان ڪريو. انهيءَ ڏانهن موٽڻ آهي توهان سڀني جو. وعدو الله جو

تنهن ڪري سندس عبادت ڪريو، پوءِ ڇو نه نصيحت وٺندا آهيو؟ اوهان مڙني جو ڏانهس موٽڻ آهي. الله جو انجام سچو آهي.

CS CamScanner

Maktaba Tul Ishaat.com

حَقًّا ۭ اِنَّهٗ يَبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ لِيَجْزِيَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ
سچو آهي، اهو پيدا ڪري ٿو خلق کي پوءِ موٽائيندو ان کي جيئن بدلو ڏئي انهن کي جن ايمان آندو ۽
اهوئي خلق کي پهريون (بہ) بڻائيندو آهي وري (بہ) ڪين هن لاءِ موٽائي بڻائيندو تہ جن ايمان آندو ۽

عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ بِالْقِسْطِ ۭ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَهُمْ شَرَابٌ مِّنْ
ڪم ڪيا چڱا انصاف وارو ۽ جن ڪفر ڪيو تن لاءِ آهي پاڻي
چڱا ڪم ڪيا تن کي انصاف سان بدلو ڏئي، ۽ جن نہ مڃيو تن لاءِ ٽهڪندڙ پاڻي

حَمِيْمٍ وَّعَذَابٌ اَلِيْمٌۢ بِمَا كَانُوْا يَكْفُرُوْنَ ④ هُوَ الَّذِيْ جَعَلَ
ٽچڪندڙ ۽ عذاب ڏکوئيندڙ جو اهي ڪفر ڪندا هئا. اهو آهي جنهن ڪيو
۽ ڏکوئيندڙ عذاب اِنهيءَ ڪري آهي جو ڪفر ڪيو هئائون. اهو (الله) آهي جنهن سج

الشَّمْسَ ضِيَاۗءً وَّالْقَمَرَ نُوْرًا وَّقَدَّرَهٗ مَنَازِلَ لِتَعْلَمُوْا عَدَدَ
سج کي چمڪدار ۽ چنڊ کي روشن ۽ مقرر ڪيائينس لهڻ جون جايون جيئن ڄاڻو توهان ڳاڻاٽو
کي چمڪندڙ ۽ چنڊ کي روشن ڪيو ۽ اُن (چنڊ) جون منزلون هن لاءِ مقرر ڪيون تہ اوهين

السِّنِيْنَ وَالْحِسَابَ ۭ مَا خَلَقَ اللّٰهُ ذٰلِكَ اِلَّا بِالْحَقِّ ۚ يُفَصِّلُ
سالن جو ۽ ليکو ڪرڻ، نہ پيدا ڪيو الله اهو سڀ مگر حق سان، ظاهر ڪري ٿو
ورهن جو ڳاڻيٽو ۽ حساب ڄاڻو. الله اِهو سچ کان سواءِ نہ بڻايو آهي.

الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ⑤ اِنَّ فِي اخْتِلَافِ الَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَمَا
نشانيون انهن ماڻهن لاءِ جيڪي سمجهن. بيشڪ ڦير گهير رات ۽ ڏينهن جي ۾ ۽ جيڪي
ڄاڻندڙ قوم لاءِ نشانيون کولي بيان ڪندو آهي. بيشڪ رات ۽ ڏينهن جي ڦير گهير (۾) ۽

خَلَقَ اللّٰهُ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّتَّقُوْنَ ⑥ اِنَّ
پيدا ڪيو الله آسمانن ۽ زمين ۾ نشانيون آهن ماڻهن لاءِ جيڪي ڊڄن. بيشڪ
الله جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ بڻايو تنهن ۾ پرهيزگار قوم لاءِ ضرور نشانيون آهن. بيشڪ

الَّذِيْنَ لَا يَرْجُوْنَ لِقَاۗءَنَا وَرَضُوْا بِالْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَاطْمَاَنُّوْا
جيڪي نہ ٿا اميد رکن اسان جي ملڻ جي ۽ خوش رهيا دنيا جي زندگي سان ۽ آراميا
جيڪي اسان جي ملڻ جو آسرو نہ ٿا رکن ۽ دنيا جي حياتيءَ ساڻ ريجهي ويا ۽ اُنهيءَ سان آرامي ٿي رهيا

بِهَا وَالَّذِيْنَ هُمْ عَنْ اٰيٰتِنَا غٰفِلُوْنَ ⑦ اُولٰۗىِٕكَ مَاْوٰىهُمُ النَّارُ
انهيءَ سان ۽ جيڪي اهي اسان جي آيتن کان غافل آهن. انهن لاءِ جاءِ رهڻ جي باهہ آهي
۽ اهي جيڪي اسان جي آيتن کان بي خبر رهيا. اِهي جيڪي ڪمائيندا رهيا تنهن سببان

CamScanner

Maktaba Tul Ishaat.com

بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿٨﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ

سندن ڪرتوتن جي ڪري. بيشڪ جن ايمان آندو ۽ ڪم ڪيا چڱا

انهن جو هنڌ باه آهي. (۽) جن ميڃيو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن کي سندس پالڻهار

يَهْدِيْهِمْ رَبُّهُمْ بِاِيْمَانِهِمْ ۚ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهِمُ الْاَنْهٰرُ

پهچائيندو انهن کي انهن جو رب سندن ايمان جي ڪري، جتي وهن ٿيون هيٺان انهن جي واهيون

سندن ايمان سببان (اهڙن بهشتن ڏانهن) سڌو رستو ڏيکاريندو جن جي هيٺان نعمتن وارن باغن ۾

فِيْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ﴿٩﴾ دَعْوٰىهُمْ فِيْهَا سُبْحٰنَكَ اللّٰهُمَّ وَتَحِيَّتُهُمْ

باغن نعمت وارن ۾، دعا انهن جي اتي هيءَ ته پاڪ آهي تنهنجي ذات اي الله ۽ ڪيڪار انهن جي

نهرون وهنديون آهن. منجهن سندن دعا (هيءَ) آهي ته اي الله! توکي پاڪائي جڳائي ۽ منجهن سندن آجيان

فِيْهَا سَلٰمٌ ۚ وَاٰخِرُ دَعْوٰىهُمْ اَنِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٠﴾ ع

اتي سلام، ۽ پڇاڙي انهن جي دعا جي هيءَ ته سڀ تعريفون الله لاءِ جو پالڻهار جهانن جو آهي.

سلام آهي، ۽ سندن دعا جي پڇاڙي هيءَ آهي ته سڀ ساراه جهانن جي پالڻهار الله کي جڳائي.

وَلَوْ يُعَجِّلُ اللّٰهُ لِلنَّاسِ الشَّرَّ اسْتِعْجَالَهُمْ بِالْخَيْرِ لَقُضِيَ اِلَيْهِمْ

۽ جيڪڏهن جلد ڏئي ها الله ماڻهن کي برائي انهن جي تڪڙي ڀلائي گهرڻ وانگر ته پوري ڪئي وڃي ها

۽ جيڪڏهن الله ماڻهن لاءِ مدائي جلد موڪلي ها جهڙو هي پنهنجي چڱائي جلد گهرندا آهن ته سندن (مقرر ٿيل) مدت اُنهن لاءِ

اَجَلُهُمْ ۭ فَنَذَرُ الَّذِيْنَ لَا يَرْجُوْنَ لِقَاۗءَنَا فِيْ طُغْيَانِهِمْ يَعْمَهُوْنَ ﴿١١﴾

انهن جي مدت، پوءِ ڇڏيون ٿا انهن کي جيڪي نه ٿا اميد رکن اسان سان ملڻ جي پنهنجي شرارت ۾ ٿاٻا پيا کائين.

پوري ڪئي وڃي ها. پوءِ جيڪي اسان جي ملڻ جي اميد نه رکندا آهن تن کي سندن گمراهيءَ ۾ حيران ڇڏيندا آهيون.

وَاِذَا مَسَّ الْاِنْسَانَ الضُّرُّ دَعَانَا لِجَنْۢبِهٖٓ اَوْ قَاعِدًا اَوْ قَاۗىِٕمًا ۚ

۽ جڏهن پهچي ٿي انسان کي تڪليف ته سڏي ٿو اسان کي پنهنجي پاسي پر يا ويٺي يا بيٺي،

۽ جنهن مهل ماڻهو کي ڪو ڏک پهچندو آهي (تنهن مهل) پنهنجي پاسي پريا ويٺي يا بيٺي اسان کي سڏيندو آهي پوءِ جنهن مهل ڪاٽئس سندس

فَلَمَّا كَشَفْنَا عَنْهُ ضُرَّهٗ مَرَّ كَاَنْ لَّمْ يَدْعُنَآ اِلٰى ضُرٍّ مَّسَّهٗ ۭ كَذٰلِكَ

پوءِ جڏهن ٽاريون ٿا ان کان سندس مصيبت لنگهي ٿو ڄڻڪ سڏيوئي نه هئائين اسانکي مصيبت ڏانهن جا پهتي هئي ان کي، اهڙي طرح

ڏک لاهيندا آهيون (تنهن مهل اهڙي وساري ۾ پئجي) هليو ويندو آهي (جو) ڄڻڪ ڪنهن ڪس جا اوکائي پهتي هئي تنهن (جي لاهڻ) لاءِ اسان کي

زُيِّنَ لِلْمُسْرِفِيْنَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٢﴾ وَلَقَدْ اَهْلَكْنَا الْقُرُوْنَ

سينگاريو ويو حد ٽپيندڙن لاءِ جيڪي جو اهي ڪن ٿا. ۽ يقينن تباهه ڪيوسون قومون

سڏيو ئي نه هئائين. اهڙيءَ طرح حد کان لنگهندڙ جيڪي ڪندا آهن سو انهن لاءِ سينگاريو ويو آهي. ۽ بيشڪ اوهان کان اڳ (گهڻين

Maktaba Tul Ishaat.com

مِنْ قَبْلِكُمْ لَمَّا ظَلَمُوْا ۙ وَجَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ وَمَا كَانُوْا
توهان کان اڳ جڏهن انهن ظلم ڪيو، حالانڪ آندا هئا انهن وٽ سندن رسولن معجزا ۽ نہ هئا
قومن جڏهن ظلم ڪيو تڏهن (ڪين) هلاڪ ڪيو اٿئون ۽ وٽن سندن پيغمبر چٽن معجزن سان آيا ۽ اهڙا نہ هئا جو

لِيُؤْمِنُوْا ۭ كَذٰلِكَ نَجْزِى الْقَوْمَ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿١٣﴾ ثُمَّ جَعَلْنٰكُمْ
جو ايمان آڻين، اهڙي طرح سزا ڏيندا آهيون ڏوهاري قوم کي. پوءِ ڪيوسون اوهان کي
ايمان آڻين. اهڙيءَ طرح ڏوهارڻ قوم کي سزا ڏيندا آهيون. وري ڪانئن پوءِ

خَلٰٓئِفَ فِى الْاَرْضِ مِنْۢ بَعْدِهِمْ لِنَنْظُرَ كَيْفَ تَعْمَلُوْنَ ﴿١٤﴾ وَاِذَا
سنڀاليندڙ زمين ۾ انهن کان پوءِ جيئن ڏسون تہ ڪيئن ٿا عمل ڪيو. ۽ جڏهن
ملڪ ۾ اوهان کي سندن جڳهن تي وهاريوسون تہ ڏسون تہ اوهين ڪهڙيءَ طرح ڪم ڪريو ٿا؟ ۽ جڏهن

تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيَاتُنَا بَيِّنٰتٍ ۙ قَالَ الَّذِيْنَ لَا يَرْجُوْنَ لِقَآءَنَا ائْتِ
پڙهجن ٿيون انهن تي آيتون اسان جون چٽيون چون ٿا اهي جيڪي نہ ٿا اميد رکن اسان جي ملاقات جي آڻ
اسان جون چٽيون آيتون کين پڙهي ٻڌائبيون آهن (تڏهن) جيڪي اسان جي ملڻ جي اميد نہ رکندا آهن سي چوندا آهن تہ

بِقُرْاٰنٍ غَيْرِ هٰذَآ اَوْ بَدِّلْهُ ۭ قُلْ مَا يَكُوْنُ لِيْٓ اَنْ اُبَدِّلَهٗ مِنْ
قرآن ٻيو هن کان سواءِ يا بدلاءِ ان کي، تون چؤ نہ ٿيندو مون کان جو بدلايان انهيءَ کي
هن کان سواءِ ڪو ٻيو قرآن آڻ يا ڪيس مَٽاءِ! چئو تہ پنهنجي طرفان ان جي مٽائڻ جو مون کي اختيار ڪونهي،

تِلْقَآئِ نَفْسِيْ ۚ اِنْ اَتَّبِعُ اِلَّا مَا يُوْحٰٓى اِلَيَّ ۚ اِنِّىْٓ اَخَافُ اِنْ
طرفان پنهنجي، رڳو آءٌ تابعداري ڪريان ٿو ان جي جيڪو حڪم آيو مون ڏانهن، بيشڪ آءٌ ڊڄان ٿو، جي
جيڪي مون ڪي وحي ڪيو ويندو آهي تنهن کان سواءِ (ٻئي ڪنهن جي) تابعداري نہ ڪندو آهيان. بيشڪ آءٌ جيڪڏهن پنهنجي پالڻهار جي

عَصَيْتُ رَبِّىْ عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿١٥﴾ قُلْ لَّوْ شَآءَ اللّٰهُ مَا تَلَوْتُهٗ
بي فرماني ڪيم رب جي، عذاب وڏي ڏينهن جي کان. چؤ جيڪڏهن گهري ها الله تہ نہ پڙهان ها ان کي
نافرماني ڪريان تہ وڏي ڏينهن جي عذاب کان ڊڄان ٿو. چئو تہ جيڪڏهن الله گهري ها تہ آءٌ اُن (قرآن کي اوهان تي) نہ پڙهان ها

عَلَيْكُمْ وَلَآ اَدْرٰىكُمْ بِهٖ ۫ۖ فَقَدْ لَبِثْتُ فِيْكُمْ عُمُرًا مِّنْ قَبْلِهٖ ۭ
توهان تي ۽ نہ ڪي اهو خبر ڏئي ها توهان کي ان جي، پوءِ گذاري اٿم توهان ۾ عمر انهيءَ کان اڳ ۾.
۽ نڪي (الله) اُن سان اوهان کي ڄاڻائي ها. بيشڪ آءٌ اوهان ۾ هن کان اڳ (سڄي) ڄمار رهيس (تڏهن نہ پڙهيم).

اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿١٦﴾ فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوْ
ڇا پوءِ نہ ٿا سمجهو؟ پوءِ ڪير وڌيڪ ظالم آهي انهيءَ کان جيڪو ٺٺائي الله تي ڪوڙ يا
پوءِ ڇو نہ ٿا سمجهو؟ پوءِ اُن کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي جو الله تي ڪوڙو ناهه ناهي يا

CamScanner

Maktaba Tul Ishaat.com

كَذَّبَ بِاٰيٰتِهٖ ؕ اِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ الْمُجْرِمُوْنَ ﴿١٧﴾ وَيَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ

ڪوڙو ڪري ان جي آيتن کي، يقينًا ڪامياب نه ٿيندا ڏوهاري. ۽ پوڄين ٿا الله کي ڇڏي

سندس آيتن کي ڪوڙ ڄاڻي، سچ آهي ته ڏوهاري نه ڇٽندا. ۽ الله کان سواءِ جن کي پوڄيندا آهن سي نڪي ڪين

مَا لَا يَضُرُّهُمْ وَلَا يَنْفَعُهُمْ وَيَقُوْلُوْنَ هٰٓؤُلَآءِ شُفَعَآؤُنَا

انهن کي جي نه نقصان ڏين انهن کي ۽ نه نفعو ۽ چوَن ٿا اهي سفارشي آهن اسان جا

ڏک پهچائيندا آهن ۽ نڪي ڪين سک پهچائيندا آهن ۽ چوندا آهن ته هي الله وٽ اسان جا شفاعت ڪندڙ آهن.

عِنْدَ اللّٰهِ ؕ قُلْ اَتُنَبِّـُٔوْنَ اللّٰهَ بِمَا لَا يَعْلَمُ فِي السَّمٰوٰتِ وَلَا

الله وٽ. تون چؤ ڇا توهان ٻڌايو ٿا الله کي اها ڳالهه جا اهو نه ٿو ڄاڻي آسمانن ۾ ۽ نڪي

چئو ته اوهين الله کي اهڙيءَ شيءِ بابت ڄاڻائيندا آهيو جا جيڪا شيءِ (هو) نڪي آسمانن ۾ ۽ نڪي زمين ۾ ڄاڻندو آهي؟

فِي الْاَرْضِ ؕ سُبْحٰنَهٗ وَتَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿١٨﴾ وَمَا كَانَ النَّاسُ

زمين ۾. اهو پاڪ ذات آهي ۽ مٿاهون آهي ان کان جو شريڪ ٿا ڪن. ۽ نه هئا ماڻهو

اهو پاڪ آهي ۽ جنهن شيءِ کي ساڻس شريڪ ڪندا آهن تنهن کان اُهو مٿاهون آهي. ۽ (اصل) ماڻهو

اِلَّآ اُمَّةً وَّاحِدَةً فَاخْتَلَفُوْا ؕ وَلَوْلَا كَلِمَةٌ سَبَقَتْ مِنْ رَّبِّكَ

مگر امت هڪڙي پوءِ جدا جدا ٿيا، ۽ جيڪڏهن نه هجي ها ٻول جو ٿيو آهي تنهنجي رب کان

هڪ ٽوليءَ کان سواءِ نه هئا پوءِ اختلاف ڪيائون. ۽ جيڪڏهن تنهنجي پالڻهار جو حڪم اڳ ٿيل نه هجي ها ته

لَقُضِيَ بَيْنَهُمْ فِيْمَا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ﴿١٩﴾ وَيَقُوْلُوْنَ لَوْلَآ اُنْزِلَ

ته نبيرو ٿي وڃي ها انهن ۾ ان جو جنهن ۾ اهي جهڳڙو ٿا ڪن. ۽ چوَن ٿا ڇو نه نازل ڪئي وئي

جنهن (ڳالهه) بابت اختلاف ڪن ٿا تنهن جو سندن وچ ۾ فيصلو پورو ڪيو وڃي ها. ۽ چوندا آهن ته سندن پالڻهار کان مٿس ڪو

عَلَيْهِ اٰيَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ ۚ فَقُلْ اِنَّمَا الْغَيْبُ لِلّٰهِ فَانْتَظِرُوْا ۚ اِنِّيْ مَعَكُمْ

انهيءَ تي ڪا نشاني ان جي رب کان، پوءِ تون چؤ رڳو ڳجهه الله لاءِ آهي پوءِ انتظار ڪريو، آءٌ به توهان سان گڏ

معجزو ڇو نه لاٿو ويو آهي؟ چئو ته ڳجهه (جي خبر) الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي نه آهي، پوءِ انتظار ڪريو آءٌ به اوهان سان گڏ

مِّنَ الْمُنْتَظِرِيْنَ ﴿٢٠﴾ ع وَاِذَآ اَذَقْنَا النَّاسَ رَحْمَةً مِّنْۢ بَعْدِ ضَرَّآءَ

انتظار ڪندڙ آهيان. ۽ جڏهن چکايون ٿا ماڻهن کي رحمت تڪليف کان پوءِ

انتظار ڪندڙ آهيان. ۽ جڏهن ماڻهن کي تڪليف پهچڻ کان پوءِ (پنهنجي) ٻاجهه (سان سک جو مزو) چکائيندا آهيون

مَسَّتْهُمْ اِذَا لَهُمْ مَّكْرٌ فِيْۤ اٰيَاتِنَا ؕ قُلِ اللّٰهُ اَسْرَعُ مَكْرًا ؕ اِنَّ

جا کين پهتي هئي ته ان وقت ڪن ٿا حيلو اسان جي آيتن ۾، تون چؤ الله زور تکڙو حيلو ڪندڙ آهي، بيشڪ

(تڏهن) اُتي جو اُتي اُنهن کي اسان جي آيتن ۾ بدگمانيون (ٿينديون) آهن. چئو ته الله رٿ رٿڻ ۾ ڏاڍو تکڙو آهي. بيشڪ

Maktaba Tul Ishaat.com

رُسُلَنَا يَكْتُبُوْنَ مَا تَمْكُرُوْنَ ﴿٢١﴾ هُوَ الَّذِيْ يُسَيِّرُكُمْ فِي الْبَرِّ وَالْبَحْرِ ط
اسان جا قاصد لکن ٿا جيڪي توهان حيلا هلايو ٿا. اهوئي آهي جو گهمائي ٿو توهان کي بر ۽ بحر ۾.
جيڪي اوهين ٻچڙيون رٿون ڪندا آهيو سي اسان جا ملائڪ لکندا آهن. اهو (الله) آهي جيڪو اوهان کي بر ۽ دريائن ۾ گهمائيندو آهي.
حَتّٰىٓ اِذَا كُنْتُمْ فِي الْفُلْكِ ج وَجَرَيْنَ بِهِمْ بِرِيْحٍ طَيِّبَةٍ وَّفَرِحُوْا بِهَا
آخر جڏهن هوندا آهيو توهان ٻيڙين ۾، ۽ اهي ڪٺي هلنديون آهن انهن کي سٺائي واءُ سان ۽ خوش ٿيندا آهن ان تي
تان جو جڏهن ٻيڙين ۾ هوندا آهيو، ۽ (اهي) پاتيڻن سميت سٺائن وائن سان هلنديون آهن ۽ انهن سان سرها
جَآءَتْهَا رِيْحٌ عَاصِفٌ وَّجَآءَهُمُ الْمَوْجُ مِنْ كُلِّ مَكَانٍ وَّظَنُّوْٓا
ته اچي ويندو آهي انهن تي طوفان ۽ ايندي آهي انهن تي ڇولي هر طرف کان ۽ اهي ڀائيندا آهن
ٿيندا آهن ته اوچتو ڪين اٿاٿو واءُ پهچندو آهي ۽ ڪين ڇوڏاري لهر ايندي آهي ۽ ڀانئيندا آهن ته بيشڪ (اها)
اَنَّهُمْ اُحِيْطَ بِهِمْ لا دَعَوُا اللّٰهَ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ ج لَئِنْ اَنْجَيْتَنَا
ته گهيرو ڪيو ويو آهي انهن تي ته سڏيندا آهن الله کي سچائي رکندڙ تي ان لاءِ دين ۾، جيڪڏهن بچايو تو اسان کي
ڪين وڙهي ويئي! (تڏهن) الله جي عبادت ۾ سچائيءَ وارا ٿي ڪيس سڏيندا آهن. (۽ چوندا آهن) ته جيڪڏهن
مِنْ هٰذِهٖ لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الشّٰكِرِيْنَ ﴿٢٢﴾ فَلَمَّآ اَنْجٰهُمْ اِذَا هُمْ يَبْغُوْنَ
هن مان ته ضرور ٿينداسون شڪر گذارن مان. پوءِ جڏهن بچايائين انهن کي ته اوچتو اهي بي فرماني ٿا ڪن
هن (مصيبت) کان اسان کي بچائين ته ضرور شڪراني ڪندڙن مان ٿينداسون! پوءِ جنهن مهل کين بچايائين (تنهن
فِي الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ ط يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اِنَّمَا بَغْيُكُمْ عَلٰٓى اَنْفُسِكُمْ لا مَّتَاعَ
ملڪ ۾ ناحق، اي انسانو! رڳو توهان جي بغاوت توهان جي سر تي آهي نفعو وٺو
مهل) اتي جو اتي ملڪ ۾ ناحق شرارت ڪندا آهن، اي انسانو! اوهان جون شرارتون اوهان تي ئي آهن
الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ز ثُمَّ اِلَيْنَا مَرْجِعُكُمْ فَنُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٢٣﴾
حياتي دنيا جو پوءِ اسان ڏانهن اوهان جو موٽڻ آهي پوءِ ٻڌائينداسون توهان کي جيڪي توهان ڪندا هئا.
(هن) دنيا جي حياتي جو فائدو (لڏو) وري اوهان جو موٽڻ اسان ڏانهن آهي پوءِ جيڪي ڪندا آهيو تنهن جي اوهان کي سُڌ ڏينداسون.
اِنَّمَا مَثَلُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا كَمَآءٍ اَنْزَلْنٰهُ مِنَ السَّمَآءِ فَاخْتَلَطَ بِهٖ
رڳو مثال دنيا جي حياتي جو ان پاڻيءَ جهڙو آهي جو لاٿو سون آسمان مان پوءِ گڏجي پيا ان سان
دنيا جي حياتيءَ جو مثال رڳو انهيءَ پاڻيءَ وانگر آهي جنهن کي آسمان کان وسايوسون پوءِ ساڻس زمين جا
نَبَاتُ الْاَرْضِ مِمَّا يَاْكُلُ النَّاسُ وَالْاَنْعَامُ ط حَتّٰىٓ اِذَآ اَخَذَتِ
سلا زمين جا جن مان ڪائن ٿا ماڻهو ۽ جانور، تان جو جڏهن ورتي
(اهي) سلا رليا مليا جن مان ماڻهو ۽ ڍور ڪائيندا آهن، تان جو جنهن مهل زمين

Maktaba Tul Ishaat.com

الۡاَرۡضُ زُخۡرُفَهَا وَازَّيَّنَتۡ وَظَنَّ اَهۡلُهَاۤ اَنَّهُمۡ قٰدِرُوۡنَ عَلَيۡهَاۤ ۙ

ڌرتيءَ پنهنجي ساوڪ ۽ سينگار جي پئي ۽ ڀانيو ان جي مالڪن ته اهي وس وارا آهن ان تي

پنهنجي ساوڻ ورتي ۽ سينگاري ۽ سندس رهڻ وارن ڀانيو ته پاڻ مٿس وس وارا آهن

اَتٰىهَاۤ اَمۡرُنَا لَيۡلًا اَوۡ نَهَارًا فَجَعَلۡنٰهَا حَصِيۡدًا كَاَنۡ لَّمۡ تَغۡنَ

ته اچي ويو ان تي امر اسان جو رات جو يا ڏينهن جو پوءِ ڪيوسون ان کي لابارو ڄڻڪ ڪا نه هئي

(تنهن مهل) اوچتو اُن کي رات جو يا ڏينهن جو اسان جو حڪم پهتو پوءِ اُن کي لٽيل (ناس) ڪري ڇڏيوسون

بِالۡاَمۡسِ ؕ كَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الۡاٰيٰتِ لِقَوۡمٍ يَّتَفَكَّرُوۡنَ ﴿٢٤﴾ وَاللّٰهُ يَدۡعُوۡۤا

ڪالهوڪر، اهڙيءَ طرح بيان ٿا ڪريون نشانيون انهن ماڻهن لاءِ جيڪي غور ٿا ڪن. ۽ الله سڏي ٿو

ڄڻڪ ڪالهه ئي نه هئي، اهڙيءَ طرح سمجهندڙ قوم لاءِ نشانيون کولي بيان ڪندا آهيون. ۽ الله

اِلٰى دَارِ السَّلٰمِؕ وَيَهۡدِىۡ مَنۡ يَّشَآءُ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسۡتَقِيۡمٍ ﴿٢٥﴾ لِلَّذِيۡنَ

سلامتي واري گهر ڏانهن، ۽ هدايت ڪري ٿو جنهن کي گهري رستي سڌي ڏانهن. انهن لاءِ جن

سلامتيءَ جي گهر ڏانهن سڏيندو آهي، ۽ جنهن کي وڻيس تنهن کي سڌيءَ واٽ ڏانهن هدايت ڪندو آهي. جن

اَحۡسَنُوا الۡحُسۡنٰى وَزِيَادَةٌ ؕ وَلَا يَرۡهَقُ وُجُوۡهَهُمۡ قَتَرٌ وَّلَا ذِلَّةٌ ؕ

ڀلائي ڪئي ڀلائي آهي ۽ وڌيڪ به، ۽ نه چڙهندي انهن جي منهن تي ڪاراڻ ۽ نه خواري،

چڱائي ڪئي تن لاءِ (اهڙي) چڱائي بلڪ وڌيڪ آهي، ۽ سندن منهن کي نڪي ڪارنهن ۽ نڪي خواري ورڙهيندي،

اُولٰٓئِكَ اَصۡحٰبُ الۡجَنَّةِ ۚ هُمۡ فِيۡهَا خٰلِدُوۡنَ ﴿٢٦﴾ وَالَّذِيۡنَ كَسَبُوا السَّيِّاٰتِ

اهي آهن جنت وارا، اهي ان ۾ سدائين رهندا. ۽ جن ڪمايون بڇڙايون

اهي بهشتي آهن، اهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن. ۽ جن بڇڙائي ڪمائي

جَزَآءُ سَيِّئَةٍ بِمِثۡلِهَا ۙ وَتَرۡهَقُهُمۡ ذِلَّةٌ ؕ مَا لَهُمۡ مِّنَ اللّٰهِ مِنۡ

ته بدلو بڇڙائي جو اوتروئي آهي ۽ چڙهندي انهن تي خواري، ناهي انهن لاءِ الله کان ڪوئي

تن لاءِ اُن جهڙي بڇڙي سزا آهي ۽ کين خواري ڍڪيندي، انهن کي الله (جي عذاب) کان ڪو

عَاصِمٍ ۚ كَاَنَّمَاۤ اُغۡشِيَتۡ وُجُوۡهُهُمۡ قِطَعًا مِّنَ الَّيۡلِ مُظۡلِمًا ؕ

بچائيندڙ ڄڻڪ ڍڪايو ويو انهن جي چهرن تي ٽڪرو رات ڪاريءَ جو.

بچائيندڙ نه آهي، ڄڻڪ سندن منهن کي اونداهيءَ رات مان ٽڪرا ڍڪايا ويا آهن.

اُولٰٓئِكَ اَصۡحٰبُ النَّارِ ۚ هُمۡ فِيۡهَا خٰلِدُوۡنَ ﴿٢٧﴾ وَيَوۡمَ نَحۡشُرُهُمۡ جَمِيۡعًا ثُمَّ

اهي دوزخ وارا آهن، اهي ان ۾ هميشه رهندا. ۽ جنهن ڏينهن گڏ ڪنداسون انهن سڀني کي پوءِ

اِهي دوزخي آهن، منجهس سدائين رهڻ وارا آهن. ۽ جنهن ڏينهن انهن مڙني کي گڏ ڪنداسون وري

Maktaba Tul Ishaat.com

نَقُوْلُ لِلَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا مَكَانَكُمْ اَنْتُمْ وَشُرَكَآؤُكُمْ ۚ فَزَيَّلْنَا بَيْنَهُمْ

چونداسون مشرڪن کي بيهو پنهنجي جاءِ تي توهان ۽ شريڪ توهان جا، پوءِ جدائي وجهنداسون انهن جي وچ ۾

مشرڪن کي چونداسون ته اوهين ۽ اوهان جا (الله سان ٺهرايل) شريڪ پنهنجي هنڌ بيهو! پوءِ سندن وچ ۾

وَقَالَ شُرَكَآؤُهُمْ مَّا كُنْتُمْ اِيَّانَا تَعْبُدُوْنَ ﴿٢٨﴾ فَكَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًا

۽ چوندا شريڪ ڪيل انهن جا ته نه هئا توهان اسان جي عبادت ڪندڙ. پوءِ ڪافي آهي الله شاهد

جدائي وجهنداسون ۽ سندن شريڪ چوندا ته (اوهين) اسان کي پوڄيندڙ نه هيو. پوءِ اسان جي ۽ اوهان جي وچ ۾

بَيْنَنَا وَبَيْنَكُمْ اِنْ كُنَّا عَنْ عِبَادَتِكُمْ لَغٰفِلِيْنَ ﴿٢٩﴾ هُنَالِكَ تَبْلُوْا

اسان جي ۽ توهان جي وچ ۾ يقينن هئاسون توهان جي بندگي کان بي خبر. اتي آزمائيندو

الله شاهد ڪافي آهي ته اسين اوهان جي پوڄا کان ضرور بيخبر هئاسون. اُن هنڌ سڀ ڪنهن ماڻهوءَ

كُلُّ نَفْسٍ مَّآ اَسْلَفَتْ وَرُدُّوْٓا اِلَى اللّٰهِ مَوْلٰىهُمُ الْحَقِّ وَضَلَّ عَنْهُمْ

سڀ ڪو ان کي جيڪي اڳي ڪيو هئائين ۽ رجوع ڪيا ويندا الله پنهنجي مالڪ سچي ڏانهن ۽ وسري ويندو انهن کان

جيڪي اڳي موڪليو هوندو سو (اهو) لهندو ۽ پنهنجي سچي ڌڻيءَ الله ڏانهن موٽايا ويندا ۽ جيڪو ناهه ناهيائون ٿي

النّصف

مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿٣٠﴾ قُلْ مَنْ يَّرْزُقُكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ اَمَّنْ

جيڪي ٺاهه ٺاهيندا هئا. تون چؤ ڪير رزق ڏئي ٿو توهان کي آسمان ۽ زمين مان يا ڪير

سو ڪائنن پلجي ويندو. چئو ته، اوهان کي آسمان ۽ زمين مان ڪير روزي ڏيندو آهي؟

يَّمْلِكُ السَّمْعَ وَالْاَبْصَارَ وَمَنْ يُّخْرِجُ الْحَيَّ مِنَ الْمَيِّتِ وَ

مالڪ آهي ڪنن ۽ اکين جو ۽ ڪير ڪڍي ٿو جيئري کي مُئي کان ۽

ڪنن ۽ اکين جو ڀيو ڪير مالڪ آهي؟ ۽ ڪير جيئري کي مُئي مان ڪڍندو آهي ۽ ڪير

يُخْرِجُ الْمَيِّتَ مِنَ الْحَيِّ وَمَنْ يُّدَبِّرُ الْاَمْرَ ۚ فَسَيَقُوْلُوْنَ اللّٰهُ ۚ فَقُلْ

ڪڍي ٿو مُئل کي جيئري مان ۽ ڪير ٺاهي ٿو ڪمن کي، پوءِ جلد چوندا ته الله، پوءِ تون چؤ

مُئي کي جيئري مان ڪڍندو آهي ۽ ڪير ڪمن کي رٿيندو آهي؟ پوءِ سِتت ئي چوندا ته الله! پوءِ چئو ته

اَفَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿٣١﴾ فَذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمُ الْحَقُّ ۚ فَمَاذَا بَعْدَ الْحَقِّ اِلَّا

ڇا پوءِ نه ٿا ڊڄو. پوءِ اهو ئي اٿوَ الله رب توهان جو سچو، پوءِ ناهي حق کان بعد مگر

ڇو نه ڊڄندا آهيو؟ پوءِ اهوئي اوهان جو سچو پالڻهار الله آهي، پوءِ سچ کان پوءِ، گمراهيءَ کان سواءِ (ٻيو) ڇا آهي؟

الضَّلٰلُ ۚ صلے فَاَنّٰى تُصْرَفُوْنَ ﴿٣٢﴾ كَذٰلِكَ حَقَّتْ كَلِمَتُ رَبِّكَ عَلَى

گمراهي. پوءِ ڪيڏانهن ٿا موڙيا وڃو. اهڙي طرح ثابت ٿيو قول تنهنجي رب جو انهن تي

پوءِ ڪيڏي جو ڪيڏي ڦيرايا ويندا؟ اهڙيءَ طرح تنهنجي پالڻهار جو حڪم انهن بدڪارن تي لازم ٿيو آهي

CamScanner

Maktaba Tul Ishaat.com

الَّذِيْنَ فَسَقُوْٓا اَنَّهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٣٣﴾ قُلْ هَلْ مِنْ شُرَكَاۗىِٕكُمْ

جن بي فرماني ڪئي تہ اهي ايمان نہ آڻيندا. پڇا ڪر آهي ڪوئي توهان جي شريڪن ۾

جو اهي ايمان نہ آڻيندا. چئو تہ، اوهان جي معبودن مان ڪو آهي جا جيڪو خلق کي نئين

مَّنْ يَّبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ ۭ قُلِ اللّٰهُ يَبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ

جيڪو پيدا ڪري خلق کي وري موٽائي ان کي، تون چؤ الله پيدا ڪندو آهي خلق کي پوءِ ان کي موٽائيندو آهي

سر بڻائي وري ڪين (ماري) موٽائي جياري؟ چئو تہ الله نئين سر خلق کي بنائي ٿو وري ڪيس موٽائي جياريندو

فَاَنّٰى تُؤْفَكُوْنَ ﴿٣٤﴾ قُلْ هَلْ مِنْ شُرَكَاۗىِٕكُمْ مَّنْ يَّهْدِيْٓ اِلَى الْحَقِّ ۭ

سو توهان ڪيڏانهن ڦاٻتا وڃو. پڇا ڪر آهي ڪوئي توهان جي شريڪن مان جو رستو ڏيکاري حق ڏانهن.

پوءِ اوهين ڪيڏي جو ڪيڏي ڦيرايا ويندا آهيو؟ چئو تہ، اوهان جي معبودن مان ڪو آهي جو حق ڏانهن ڪنهن کي هدايت ڪري؟

قُلِ اللّٰهُ يَهْدِيْ لِلْحَقِّ ۭ اَفَمَنْ يَّهْدِيْٓ اِلَى الْحَقِّ اَحَقُّ اَنْ يُّتَّبَعَ

تون چؤ الله ئي رستو ڏيکاري ٿو حق جو، ڇا پوءِ جيڪو هدايت ڪري حق ڏانهن اهو لائق آهي تابعداري جو

چئو تہ، الله حق ڏانهن سڌو رستو ڏيکاريندو آهي. پوءِ جيڪو حق ڏانهن سڌو رستو ڏيکاري سو تابعداري ڪرڻ جو وڌيڪ حقدار آهي

اَمَّنْ لَّا يَهِدِّيْٓ اِلَّآ اَنْ يُّهْدٰى ۚ فَمَا لَكُمْ ۣ كَيْفَ تَحْكُمُوْنَ ﴿٣٥﴾

يا اهو جيڪو خود رستو نہ ٿو لهي مگر جڏهن ڏس ڏنا وڃي ان کي، پوءِ ڇا ٿيو آهي توهان کي، ڪيئن ٿا فيصلو ڪريو.

يا اهو جيڪو (پاڻ) رستي ڏيکارڻ کان سواءِ رستو نہ لهندو هجي؟ پوءِ اوهان کي ڇا ٿيو؟ ڪيئن فيصلو ڪريو ٿا!

وَمَا يَتَّبِعُ اَكْثَرُهُمْ اِلَّا ظَنًّا ۭ اِنَّ الظَّنَّ لَا يُغْنِيْ مِنَ الْحَقِّ شَيْـــًٔا ۭ

۽ نہ ٿا هلن گهڻا انهن جا مگر اٽڪل تي، يقينن اٽڪل نہ ڪفايت ڪندي حق لاءِ ڪجهہ بہ.

۽ انهن مان گهڻا رڳو گمان تي هلندا آهن. بيشڪ گمان سچ جي پورائي ڪجهہ بہ نہ ڪندو آهي.

اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ بِمَا يَفْعَلُوْنَ ﴿٣٦﴾ وَمَا كَانَ هٰذَا الْقُرْاٰنُ اَنْ

بيشڪ الله ڄاڻندڙ آهي جيڪو اهي ڪن ٿا. ۽ نہ آهي هيءُ قرآن جو

بيشڪ جيڪي ڪندا آهن سو الله ڄاڻندڙ آهي. ۽ هيءُ قرآن

يُّفْتَرٰى مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلٰكِنْ تَصْدِيْقَ الَّذِيْ بَيْنَ يَدَيْهِ

ٺاهيو وڃي الله کان سواءِ پر اهو پر ڪا آهي ان کان اڳين ڪتابن جي

الله کان سواءِ ڪنهن جو بڻايل نہ آهي پر ڪانئس اڳ جيڪي ڪتاب آهن تن جي تصديق ڪندڙ آهي

وَتَفْصِيْلَ الْكِتٰبِ لَا رَيْبَ فِيْهِ مِنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٣٧﴾ اَمْ يَقُوْلُوْنَ

۽ بيان لڪيل حڪمن جو ناهي ڪو شڪ ان ۾ اهو رب العالمين جي طرفان آهي. ڇا چون ٿا ماڻهو تہ اهو

۽ حڪمن جي کولي بيان ڪندڙ آهي منجهس ڪو شڪ نہ آهي (تہ) جهانن جي پالڻهار کان آهي. يا چوندا آهن تہ

CamScanner

Maktaba Tul Ishaat.com

اَفْتَرٰىهُ ؕ قُلْ فَاْتُوْا بِسُوْرَةٍ مِّثْلِهٖ وَادْعُوْا مَنِ اسْتَطَعْتُمْ
ٺاهي آيو آهي، تون چؤ پوءِ توهان بہ آڻيو ڪا سورت ان جهڙي ۽ سڏيو جنهن کي سڏي سگهو
(محمد ﷺ) اهو پاڻئون ٺاهيو آهي، چئو تہ جيڪڏهن سچا آهيو تہ ان جهڙي ڪا سورت آڻيو ۽ الله کان سواءِ
مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٣٨﴾ بَلْ كَذَّبُوْا بِمَا لَمْ يُحِيْطُوْا
الله کان سواءِ جيڪڏهن آهيو سچا. پر ڪوڙو چيو اٿن ان کي جنهن کي پورو
جنهن کي (سڏي) سگهو تنهن کي سڏيو. بلڪ جنهن علم کي پهچي نہ سگهيا تنهن کي ڪوڙ ڀانيائون
بِعِلْمِهٖ وَلَمَّا يَاْتِهِمْ تَاْوِيْلُهٗ ؕ كَذٰلِكَ كَذَّبَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ
سمجهيو ئي نہ اٿن ۽ اڃا نہ آئي آهي وٽن ان جي حقيقت، اهڙي طرح ڪوڙو ڪيو هئو انهن کان اڳين بہ
۽ اڃا وٽن سندن وعدن جي سچائي نہ آئي آهي، جيڪي کانئن اڳ هئا تن بہ اهڙيءَ طرح ڪوڙ ڀانيو هو
فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٣٩﴾ وَمِنْهُمْ مَّنْ يُّؤْمِنُ بِهٖ
پوءِ ڏس تہ ڪيئن تي پڇاڙي ظالمن جي. ۽ ڪي انهن مان يقين ڪن ٿا قرآن تي
پوءِ ڏس تہ ظالمن جي پڇاڙي ڪهڙيءَ طرح ٿي! ۽ منجهانئن ڪو اُن (قرآن) تي ايمان آڻيندو آهي
ع ٤ وَمِنْهُمْ مَّنْ لَّا يُؤْمِنُ بِهٖ ؕ وَرَبُّكَ اَعْلَمُ بِالْمُفْسِدِيْنَ ﴿٤٠﴾ وَاِنْ
۽ ڪي انهن مان نہ ٿا يقين ڪن ان تي، ۽ تنهنجو رب گهڻو ڄاڻندڙ آهي فساد ڪندڙن کي. ۽ جيڪڏهن
۽ منجهانئن ڪو اُن تي ايمان نہ آڻيندو آهي، ۽ تنهنجو پالڻهار فساد ڪندڙن کي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي.۽ جيڪڏهن
كَذَّبُوْكَ فَقُلْ لِّيْ عَمَلِيْ وَلَكُمْ عَمَلُكُمْ ۚ اَنْتُمْ بَرِيْٓــُٔوْنَ مِمَّآ اَعْمَلُ
ڪوڙو ڪن توکي پوءِ چؤ تہ مون لاءِ منهنجو عمل آهي ۽ توهان لاءِ توهان جو عمل، توهان الڳ آهيو ان کان جيڪي آءٌ ڪريان ٿو
توکي ڪوڙو ڀانئين تہ چئو مون لاءِ منهنجو عمل ۽ اوهان لاءِ اوهان جو عمل آهي. جيڪي (آءٌ) ڪريان ٿو تنهن کان اوهين ڇٽل آهيو
وَاَنَا بَرِيْٓءٌ مِّمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿٤١﴾ وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّسْتَمِعُوْنَ اِلَيْكَ ؕ اَفَاَنْتَ
۽ آءٌ الڳ آهيان انهيءَ کان جيڪي توهان ڪريو ٿا. ۽ ڪي انهن مان ڪَن ٿا ڏين تنهنجي طرف، ڇا پوءِ تون
۽ جيڪي (اوهين) ڪريو ٿا تنهن کان آءٌ بيزار آهيان. ۽ منجهانئن ڪي توڏانهن (ڪَن ڏيئي قرآن کي) ٻڌندا آهن.پوءِ تون
تُسْمِعُ الصُّمَّ وَلَوْ كَانُوْا لَا يَعْقِلُوْنَ ﴿٤٢﴾ وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّنْظُرُ اِلَيْكَ ؕ
ٻڌائيندين ٻوڙن کي توڙي جو اهي عقل نہ ٿا رکن، ۽ انهن مان ڪي واجهائين ٿا توڏانهن،
ٻوڙن کي ٻڌائيندين ڇا جيتوڻيڪ نہ سمجهندا هجن؟ ۽ منجهانئن ڪوئي توڏانهن نهاريندو آهي.
اَفَاَنْتَ تَهْدِى الْعُمْىَ وَلَوْ كَانُوْا لَا يُبْصِرُوْنَ ﴿٤٣﴾ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَظْلِمُ
ڇا پوءِ تون رستو ڏيکاريندين انڌن کي توڙي جو اهي نہ ٿا ڏسن. بيشڪ الله نہ ٿو ظلم ڪري
پوءِ انڌن کي سڌو رستو ڏيکاريندين ڇا؟ جيتوڻيڪ ڏسندا ٿي نہ هجن. الله ماڻهن تي ڪجهہ ٿي ظلم نہ ڪندو آهي

CamScanner

Maktaba Tul Ishaat.com

النَّاسَ شَيْـًٔا وَّلٰكِنَّ النَّاسَ اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿٤٤﴾ وَيَوْمَ يَحْشُرُهُمْ

ماڻهن تي ڪجهه پر ماڻهو پنهنجو پاڻ تي ظلم ڪن ٿا. ۽ جنهن ڏينهن گڏ ڪندو انهن کي

پر ماڻهو پاڻ تي پاڻ ظلم ڪندا آهن. ۽ جنهن ڏينهن (الله) کين گڏ ڪندو تنهن ڏينهن ڄڻڪ

كَاَنْ لَّمْ يَلْبَثُوْۤا اِلَّا سَاعَةً مِّنَ النَّهَارِ يَتَعَارَفُوْنَ بَيْنَهُمْ ؕ قَدْ

ڄڻڪ رهيائي نه هئا مگر ڪا گهڙي ڏينهن مان سڃاڻندا پيا هڪٻئي کي، بيشڪ

(دنيا ۾) ڏينهن جي هڪ گهڙيءَ کان سواءِ (وڌيڪ) ترسيائي نه هئا، پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي سڃاڻندا. بيشڪ

خَسِرَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِلِقَآءِ اللّٰهِ وَمَا كَانُوْا مُهْتَدِيْنَ ﴿٤٥﴾ وَاِمَّا

چيهي ۾ پيا اهي جن ڪوڙو ڪيو الله سان ملاقات کي ۽ نه هئا هدايت وارا. ۽ جيڪڏهن

جن الله جي ديدار کي ڪوڙ ڀانيو تن نقصان پاتو ۽ هدايت وارا نه هئا. ۽ جيڪو انجام ساڻن ڪريون ٿا

نُرِيَنَّكَ بَعْضَ الَّذِىْ نَعِدُهُمْ اَوْ نَتَوَفَّيَنَّكَ فَاِلَيْنَا مَرْجِعُهُمْ

ڏيکاريون توکي ڪجهه انهيءَ مان جنهنجو وعدو ڪيون ٿا انهن سان يا فوت ڪريون توکي پوءِ اسان ڏانهن ئي موٽڻ آهي انهن جو

تنهن منجهان ڪجهه جيڪڏهن توکي ڏيکاريون يا توکي فوت ڪريون ته (هر حال ۾) سندن موٽڻ اسان ڏانهن آهي

ثُمَّ اللّٰهُ شَهِيْدٌ عَلٰى مَا يَفْعَلُوْنَ ﴿٤٦﴾ وَلِكُلِّ اُمَّةٍ رَّسُوْلٌ ۚ فَاِذَا

پوءِ الله شاهد آهي ان تي جيڪي ڪن ٿا. ۽ هر قوم لاءِ رسول آهي، پوءِ جڏهن

وري جيڪي ڪندا آهن تنهن تي الله شاهد آهي. ۽ سڀ ڪنهن امت لاءِ هڪ پيغمبر آهي، پوءِ جڏهن

جَآءَ رَسُوْلُهُمْ قُضِىَ بَيْنَهُمْ بِالْقِسْطِ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿٤٧﴾ وَ

آيو سندن رسول ته فيصلو ٿيندو انهن جي وچ ۾ انصاف سان ۽ اهي نه ظلم ڪيا ويندا. ۽

سندن پيغمبر آيو (تڏهن) سندن وچ ۾ انصاف سان نبيرو ڪيو ويو ۽ انهن تي ظلم نه ڪيو ويو. ۽

يَقُوْلُوْنَ مَتٰى هٰذَا الْوَعْدُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٤٨﴾ قُلْ لَّاۤ اَمْلِكُ

چون ٿا ڪڏهن آهي هيءُ واعدو جيڪڏهن آهيو سچا. تون چؤ آءٌ ناهيان مالڪ

چوندا آهن ته جيڪڏهن اوهين سچا آهيو ته اِهو انجام ڪڏهن ٿيندو؟ چئو ته. (آءٌ) الله جي مرضيءَ

لِنَفْسِىْ ضَرًّا وَّلَا نَفْعًا اِلَّا مَا شَآءَ اللّٰهُ ؕ لِكُلِّ اُمَّةٍ اَجَلٌ ؕ اِذَا جَآءَ

پنهنجي لاءِ نقصان جو ۽ نڪي نفعي جو مگر جيڪي گهري الله، هر قوم لاءِ وقت مقرر آهي جڏهن ايندو

کان سواءِ پاڻ کي نه ڪي ڏک ۽ نه ڪي سک پهچائي سگهان ٿو، سڀ ڪنهن امت لاءِ هڪ مدت آهي. جڏهن

اَجَلُهُمْ فَلَا يَسْتَاْخِرُوْنَ سَاعَةً وَّلَا يَسْتَقْدِمُوْنَ ﴿٤٩﴾ قُلْ

وقت انهن جو پوءِ اهي نه دير ڪندا ڪا گهڙي ۽ نه اڳي ٿيندا. تون چؤ

سندس (لهرايل) مدت پهچي ٿي تڏهن هڪ گهڙي نڪي دير ڪندا ۽ نڪي اڳيرو ويندا. چئو ته.

CS CamScanner

Maktaba Tul Ishaat.com

اَرَءَيۡتُمۡ اِنۡ اَتٰىكُمۡ عَذَابُهٗ بَيَاتًا اَوۡ نَهَارًا مَّاذَا يَسۡتَعۡجِلُ مِنۡهُ

ڏسو جيڪڏهن اچي توهان وٽ عذاب انهيءَ جو راتو واهه يا ڏينهن جو تہ ڇا جي تڪڙ ڪندا ان کان

مون کي خبر ڏيو تہ جيڪڏهن سندس عذاب رات جو يا ڏينهن جو اوهان تي اچي (تہ ڇا ڪري سگهندؤ؟) ڏوهاري اُن مان ڇا جي تڪڙ گهرندا آهن؟

الۡمُجۡرِمُوۡنَ ﴿٥٠﴾ اَثُمَّ اِذَا مَا وَقَعَ اٰمَنۡتُمۡ بِهٖ ؕ آٰلۡـٰٔنَ وَقَدۡ كُنۡتُمۡ بِهٖ

ڏوهاري. ڇا وري جڏهن اچي ويندو تہ اوهان مڃيندؤ ان کي، ڇا هينئر! هوڏانهن توهان - ان جي

وري جنهن مهل (اهو) پهچندو (تنهن مهل) اُن تي ايمان آڻيندؤ ڇا؟ (چيو ويندن تہ) هاڻي (مڃيوَ؟) ۽ بيشڪ (اڳي) اُن کي

تَسۡتَعۡجِلُوۡنَ ﴿٥١﴾ ثُمَّ قِيۡلَ لِلَّذِيۡنَ ظَلَمُوۡا ذُوۡقُوۡا عَذَابَ الۡخُلۡدِ ۚ

تڪڙ ڪندا هئا. پوءِ چيو ويندو ظالمن کي چکو عذاب هميشہ وارو

تڪڙو گهرندا هيؤ. وري ظالمن کي چيو ويندو تہ هميشگيءَ وارو عذاب چکو. جيڪي اوهين ڪمائيندا

هَلۡ تُجۡزَوۡنَ اِلَّا بِمَا كُنۡتُمۡ تَكۡسِبُوۡنَ ﴿٥٢﴾ وَيَسۡتَنۡۢبِـُٔوۡنَكَ اَحَقٌّ هُوَ ؕ

رڳو توهان کي اهو بدلو ملندو جو ڪمائيندا هئا. ۽ خبر پڇن ٿا توکان تہ ڇا سچ آهي اهو؟

هيؤ تنهن کان سواءِ ٻيو ڪو بدلو اوهان کي نہ ڏبو. ۽ توکان خبر پڇندا آهن تہ اِهو (وعدو) سچ آهي؟

قُلۡ اِىۡ وَرَبِّىۡۤ اِنَّهٗ لَحَقٌّ ؔ ۚ وَمَاۤ اَنۡتُمۡ بِمُعۡجِزِيۡنَ ﴿٥٣﴾ وَلَوۡ اَنَّ

چؤ هائو مونکي قسم آهي پروردگار جو تہ اهو سچ آهي ۽ ناهيو اوهين عاجز ڪندڙ. ۽ جيڪڏهن هجي ها

چئو تہ، هائو! مون کي پنهنجي پالڻهار جو قسم آهي! تہ ضرور سچ آهي، ۽ اوهين ٿڪائڻ وارا نہ آهيو.

لِكُلِّ نَفۡسٍ ظَلَمَتۡ مَا فِى الۡاَرۡضِ لَافۡتَدَتۡ بِهٖ ؕ وَاَسَرُّوا

هر انهيءَ شخص کي جنهن ظلم ڪيو جو ڪجهہ زمين ۾ آهي تہ بدلي ۾ ڏئي ها ان کي، ۽ لڪائيندا

۽ جيڪڏهن سڀ ڪنهن ظلم ڪندڙ شخص کي جيڪي زمين ۾ آهي سو (سڀ) هجي ها تہ ضرور پنهنجي عيوض ڏئي ها! ۽

النَّدَامَةَ لَمَّا رَاَوُا الۡعَذَابَ ۚ وَقُضِىَ بَيۡنَهُمۡ بِالۡقِسۡطِ وَهُمۡ

پڇتاءُ جڏهن ڏسندا عذاب کي، ۽ فيصلو ڪيو ويندو انهن جي وچ ۾ انصاف سان ۽ اهي

جڏهن عذاب ڏسندا تڏهن اندر (ئي اندر) ۾ لڇي ٿيندا، ۽ سندن وچ ۾ انصاف سان نبيرو ڪيو ويندو ۽ اُنهن تي

لَا يُظۡلَمُوۡنَ ﴿٥٤﴾ اَلَاۤ اِنَّ لِلّٰهِ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ ؕ اَلَاۤ اِنَّ

نہ ظلم ڪيا ويندا. خبردار! الله جو ئي آهي جيڪي آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ آهي، خبردار!

ظلم نہ ڪبو. خبردار! بيشڪ جيڪي آسمانن ۾ زمين ۾ آهي سو الله جو آهي، (پنهنجي عيوض ۾ ڏيئي نہ سگهندؤ) خبردار!

وَعۡدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّلٰـكِنَّ اَكۡثَرَهُمۡ لَا يَعۡلَمُوۡنَ ﴿٥٥﴾ هُوَ يُحۡىٖ وَيُمِيۡتُ

وعدو الله جو سچو آهي پر گهڻا ماڻهو نہ ٿا ڄاڻن. اهوئي جياري ٿو ۽ ماري ٿو

الله جو انجام سچو آهي پر انهن مان گهڻا نہ ڄاڻندا آهن. اهو جيارينده آهي ۽ مارينده آهي

وقف النبي صلى الله عليه وآله وسلم

CamScanner

Maktaba Tul Ishaat.com

وَ إِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿٥٦﴾ يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَتْكُمْ مَّوْعِظَةٌ مِّنْ

۽ انهيءَ ڏانهن ئي موٽايا ويندؤ. اي انسانو! بيشڪ آئي توهان وٽ نصيحت توهان جي

۽ اوهين ڏانهس موٽايا ويندؤ، اي انسانو! اوهان جي پالڻهار کان اوهان وٽ نصيحت ۽ جيڪا (بيماري)

رَّبِّكُمْ وَشِفَآءٌ لِّمَا فِي الصُّدُوْرِ ۙ وَهُدًى وَّرَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٥٧﴾

رب کان ۽ شفا دلين جي بيماري لاءِ، ۽ هدايت ۽ رحمت مومنن لاءِ.

سينن ۾ آهي تنهن لاءِ شفا ۽ مومنن لاءِ هدايت ۽ رحمت آئي آهي.

قُلْ بِفَضْلِ اللّٰهِ وَبِرَحْمَتِهٖ فَبِذٰلِكَ فَلْيَفْرَحُوْا ؕ هُوَ خَيْرٌ مِّمَّا

چؤ الله جي مهرباني سان ۽ سندس رحمت سان پوءِ ان سان پلي ته خوش ٿين، هي بهتر آهي انهيءَ کان

چئو ته، الله جي فضل سان ۽ سندس ٻاجهه سان (قرآن نازل ٿيو آهي) پوءِ اُن سان خوش ٿيڻ گهرجين. جيڪي گڏ ڪندا آهن

يَجْمَعُوْنَ ﴿٥٨﴾ قُلْ اَرَءَيْتُمْ مَّآ اَنْزَلَ اللّٰهُ لَكُمْ مِّنْ رِّزْقٍ فَجَعَلْتُمْ

جيڪي گڏ ڪن ٿا ڪن. چؤ ٻڌايو ته جيڪو نازل ڪيو الله توهان لاءِ رزق پوءِ توهان ڪيو آهي

تنهن کان اُهو ڀلو آهي. چئو ته، ڪجهه ڏسو ٿا؟ ته الله روزيءَ مان جيڪي اوهان لاءِ لاٿو آهي پوءِ منجهانئس اوهان (پاڻ)

مِّنْهُ حَرَامًا وَّحَلٰلًا ؕ قُلْ آٰللّٰهُ اَذِنَ لَكُمْ اَمْ عَلَى اللّٰهِ تَفْتَرُوْنَ ﴿٥٩﴾ وَ

ان مان ڪو حرام ۽ ڪو حلال، چؤ ڇا الله موڪل ڏني اٿوَ يا الله تي ڪوڙ ٿا ٺاهيو. ۽

ڪجهه حرام ۽ ڪجهه حلال ڪيو آهي، چئو ته الله اوهان کي موڪل ڏني آهي ڇا يا الله تي ٺاهه ٺاهيندا آهيو؟ ۽

مَا ظَنُّ الَّذِيْنَ يَفْتَرُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ اِنَّ

ڇا آهي خيال انهن جو جيڪي گهڙين ٿا الله تي ڪوڙ ڏينهن قيامت بابت؟، بيشڪ

جيڪي الله تي ڪوڙ ٺاهيندا آهن تن کي قيامت جي ڏينهن ڪهڙو گمان آهي (ته ڪين عذاب نه ڪندو ڇا؟)

اللّٰهَ لَذُوْ فَضْلٍ عَلَى النَّاسِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَشْكُرُوْنَ ﴿٦٠﴾ ع وَمَا

الله مهربان آهي ماڻهن تي پر گهڻا انهن جا نه ٿا شڪر ڪن. ۽ هوندو

بيشڪ الله ماڻهن تي ضرور وڏي فضل ڪرڻ وارو آهي، پر انهن مان گهڻا شڪرانو نه ڪندا آهن. ۽

تَكُوْنُ فِيْ شَاْنٍ وَّمَا تَتْلُوْا مِنْهُ مِنْ قُرْاٰنٍ وَّلَا تَعْمَلُوْنَ مِنْ

آهين تون ڪنهن به حال ۾ ۽ پڙهندو آهين ان ۾ ڪجهه قرآن ۽ جو ڪندا آهيو ڪوئي

ڪنهن به حال ۾ نه هوندو آهين ۽ الله جي طرف کان آيل قرآن مان جيڪي ڪجهه پڙهندو آهين ۽ ڪوبه ڪم اوهين نه ڪندا آهيو

عَمَلٍ اِلَّا كُنَّا عَلَيْكُمْ شُهُوْدًا اِذْ تُفِيْضُوْنَ فِيْهِ ؕ وَمَا يَعْزُبُ

عمل ته اسان هوندا آهيون توهان مٿان حاضر جڏهن توهان رُڌل هوندا آهيو ان ۾، نه ٿو ڳجهو رهي

جڏهن منجهس لڳا رهندا آهيو پر اسين (هر حال ۾) اوهان وٽ حاضر هوندا آهيون. ۽

CamScanner

Maktaba Tul Ishaat.com

عَنْ رَّبِّكَ مِنْ مِّثْقَالِ ذَرَّةٍ فِي الْأَرْضِ وَلَا فِي السَّمَآءِ وَلَآ

تنهنجي رب کان ذري جيترو بہ زمين ۾ ۽ نڪي آسمان ۾ ۽ نہ

تنهنجي پالڻھار کان ذري جيترو بہ نہ ڪي زمين ۾ نہ ڪي آسمان ۾ (ڪجھ) ڳجھو رهندو آهي ۽ نہ ڪي

أَصْغَرَ مِنْ ذٰلِكَ وَلَآ أَكْبَرَ إِلَّا فِي كِتٰبٍ مُّبِيْنٍ ﴿٦١﴾ أَلَآ إِنَّ أَوْلِيَآءَ

ننڍو انهيءَ کان ۽ نڪي وڏو مگر آهي دفتر پڌري ۾. خبردار! بيشڪ دوست

اُن کان ٿورو ۽ نہ ڪي گھڻو پر (سڀ)پڌري ڪتاب ۾ (لکيل) آهي. خبردار! الله جي پيارن کي

اللّٰهِ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٦٢﴾ صلے الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ

الله جا ناهي ڪو ڊپ انهن تي ۽ نہ اهي ڏکارا ٿيندا. جن ايمان آندو ۽

نہ ڪي ڀؤ آهي ۽ نڪي اهي غمگين رهندا. جن ايمان آندو ۽ پرهيزگاري ڪئي اٿن.

كَانُوْا يَتَّقُوْنَ ﴿٦٣﴾ لَهُمُ الْبُشْرٰى فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَفِي الْاٰخِرَةِ ط لَا

پرهيز ڪندا هئا. تن لاءِ خوشخبري آهي دنيا جي حياتي ۾ ۽ آخرت ۾. نہ ٿيون

تن لاءِ دنيا جي حياتيءَ ۽ آخرت ۾ خوشخبري آهي. الله جي حڪمن کي ڪا

تَبْدِيْلَ لِكَلِمٰتِ اللّٰهِ ط ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿٦٤﴾ ط وَلَا يَحْزُنْكَ

بدلجن ڳالهيون الله جون. اهائي آهي ڪاميابي وڏي. ۽ نہ ڏکائي توکي

ڦيرگھير ڪانهي. اِهائي وڏي مراد ماڻڻ آهي. ۽ سندن ڪا بہ ڳالھ توکي نہ ڏکوئي.

قَوْلُهُمْ م إِنَّ الْعِزَّةَ لِلّٰهِ جَمِيْعًا ط هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿٦٥﴾ أَلَآ إِنَّ لِلّٰهِ

وقف لازم

ڳالهائڻ انهن جو. بيشڪ غلبو آهي الله جو سارو. اهوئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. خبردار الله لاءِ ئي آهي

بيشڪ سمورو غلبو الله جو ئي آهي. اهو ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. خبردار! جيڪي

مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَمَنْ فِي الْأَرْضِ ط وَمَا يَتَّبِعُ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ

جيڪو آسمانن ۾ آهي ۽ جو زمين ۾ آهي. ۽ نہ تاڪيد لڳن اهي جيڪي سڏين ٿا

آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو يقينن الله جو آهي. ۽ جيڪي الله کان سواءِ ٻين شريڪن جي

مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ شُرَكَآءَ ط إِنْ يَّتَّبِعُوْنَ إِلَّا الظَّنَّ وَإِنْ هُمْ إِلَّا

الله کان سواءِ شريڪن کي. رڳو اهي پيروي ڪن ٿا وهم جي ۽ رڳو اهي آهن

عبادت ڪندا آهن، سي (حقيقت ۾) گمان کان سواءِ ٻئي جي تابعداري نہ ڪندا آهن ۽ اهي رڳو اٽڪلبازي هلندا

يَخْرُصُوْنَ ﴿٦٦﴾ هُوَ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الَّيْلَ لِتَسْكُنُوْا فِيْهِ وَالنَّهَارَ

ڪوڙ ڳھڙيندڙ. اهوئي آهي جنهن پيدا ڪيو توهان لاءِ رات کي جيئن آرام وٺو ان ۾ ۽ ڏينهن کي

آهن. اهو (الله) آهي جنهن اوهان لاءِ رات کي هن ڪري بڻايو تہ منجهس آرام ڪريو ۽ ڏينهن کي

CamScanner

Maktaba Tul Ishaat.com

مُبْصِرًا ؕ اِنَّ فِیْ ذٰلِكَ لَاٰیٰتٍ لِّقَوْمٍ یَّسْمَعُوْنَ ﴿۶۷﴾ قَالُوا اتَّخَذَ اللّٰهُ

ڏيکارڻ وارو. بيشڪ انهيءَ ۾ نشانيون آهن ماڻهن لاءِ جي ٻڌن ٿا. چيائون ورتو آهي الله

روشن بڻايائين بيشڪ ان ۾ ٻڌندڙ قوم لاءِ نشانيون آهن. ڪافر چون ٿا ته الله (پنهنجي لاءِ) اولاد

وَلَدًا سُبْحٰنَهٗ ؕ هُوَ الْغَنِیُّ ؕ لَهٗ مَا فِی السَّمٰوٰتِ وَمَا فِی الْاَرْضِ ؕ اِنْ

پٽ اهو پاڪ آهي، اهو بي پرواهه آهي، ان جوئي آهي جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي، ناهي

ورتو آهي، اهو پاڪ آهي، اهو بي پرواهه آهي، جيڪي آسمانن ۾ آهي، ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو اُن جو آهي.

عِنْدَكُمْ مِّنْ سُلْطٰنٍۭ بِهٰذَا ؕ اَتَقُوْلُوْنَ عَلَی اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۶۸﴾

توهان وٽ ڪو ثبوت انهيءَ جو. ڇا چئو ٿا الله تي اهو جيڪي نه ٿا ڄاڻو.

هن (پٽ جي چوڻ) بابت اوهان وٽ ڪا سند نه آهي، جيڪي نه ڄاڻندا آهيو سو ڇو الله تي چوندا آهيو؟

قُلْ اِنَّ الَّذِیْنَ یَفْتَرُوْنَ عَلَی اللّٰهِ الْكَذِبَ لَا یُفْلِحُوْنَ ﴿۶۹﴾ ؕ

تون چؤ بيشڪ جيڪي ٺاهين ٿا الله تي ڪوڙ نه ڇُٽندا.

چئو ته، جيڪي الله تي ڪوڙو ٺاهه ٺاهيندا آهن سي يقينن نه ڇٽندا.

مَتَاعٌ فِی الدُّنْیَا ثُمَّ اِلَیْنَا مَرْجِعُهُمْ ثُمَّ نُذِیْقُهُمُ الْعَذَابَ

سامان اٿن دنيا ۾ پوءِ اسان ڏانهن آهي موٽڻ انهن جو پوءِ چکائينداسون انهن کي عذاب

دنيا ۾ ڪجهه آسودو گذران هوندن وري اسان وٽ سندن موٽڻ آهي وري کين انهيءَ سببان سخت عذاب چکائينداسون

الشَّدِیْدَ بِمَا كَانُوْا یَكْفُرُوْنَ ﴿۷۰﴾ ع وَاتْلُ عَلَیْهِمْ نَبَاَ نُوْحٍ ۘ اِذْ قَالَ وقف لازم

سخت ان ڪري جو هئا ڪفر ڪندا. ۽ پڙهه انهن تي واقعو نوح جو. جڏهن چيائين

جو ڪفر ڪندا آهن. ۽ نوح جو قصو کين پڙهي ٻڌاءِ، جڏهن پنهنجي قوم کي چيائين ته اي

لِقَوْمِهٖ یٰقَوْمِ اِنْ كَانَ كَبُرَ عَلَیْكُمْ مَّقَامِیْ وَتَذْكِیْرِیْ بِاٰیٰتِ اللّٰهِ

پنهنجي قوم کي اي منهنجي قوم جيڪڏهن ڏکيو ٿيو آهي توهان تي منهنجو رهڻ ۽ منهنجو وعظ ڪرڻ الله جي آيتن سان

منهنجي قوم! جيڪڏهن منهنجو رهڻ ۽ الله جي آيتن سان منهنجي نصيحت ڏيڻ اوهان تي ڳري ٿي آهي

فَعَلَی اللّٰهِ تَوَكَّلْتُ فَاَجْمِعُوْۤا اَمْرَكُمْ وَشُرَكَآءَكُمْ ثُمَّ لَا یَكُنْ

پوءِ الله تي پروسو ڪريان پوءِ گڏ ڪريو پنهنجي رٿا تي پنهنجي شريڪن سميت پوءِ نه رهي

ته الله تي پروسو ڪيم پوءِ پنهنجي رٿا ۽ پنهنجن شريڪن جي مدد سان گڏجي صلاح ڪريو پوءِ اوهان جي رٿا

اَمْرُكُمْ عَلَیْكُمْ غُمَّةً ثُمَّ اقْضُوْۤا اِلَیَّ وَلَا تُنْظِرُوْنِ ﴿۷۱﴾ فَاِنْ تَوَلَّیْتُمْ

توهان جي رٿ توهان تي لڪل پوءِ ڪري گذرو مون سان ۽ نه ڍر ڏيو مون. پوءِ جيڪڏهن منهن موڙيو ٿا

اوهان کان ڳجهي نه رهي ته پوءِ مون سان (جو وڻيو سو) ڪري گذرو ۽ مون کي ڍر نه ڏيو. پوءِ جيڪڏهن (منهنجي چوڻ کان) ڦريو

CS CamScanner

Maktaba Tul Ishaat.com

فَمَا سَاَلْتُكُمْ مِّنْ اَجْرٍ ط اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ لا وَاُمِرْتُ اَنْ

تہ مون نہ گھري آهي توهان کان | کا | مزدوري، | ناهي | منهنجي مزدوري | مگر | الله تي | ۽ | مونکي حڪم آهي | تہ

(تہ ڇا ٿيو؟) مون اوهان کان ڪو اجورو نہ گھريو هو، منهنجو اجورو الله کان سواءِ ٻئي تي نہ آهي ۽ مون کي حڪم ڪيو ويو آهي تہ

اَكُوْنَ مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿٧٢﴾ فَكَذَّبُوْهُ فَنَجَّيْنٰهُ وَمَنْ مَّعَهٗ

آءٌ هجان | فرمانبردارن مان. | پوءِ ڪوڙو ڪيائون انهيءَ کي | پوءِ بچايوسون ان کي | ۽ | جيڪي | انهيءَ سان گڏ هئا

مسلمانن مان هجان. پوءِ ڪيس ڪوڙو ڀانيائون پوءِ ڪيس ۽ جيڪي ٻيڙيءَ ۾ ساڻس هئا تن کي بچايوسون

فِي الْفُلْكِ وَجَعَلْنٰهُمْ خَلٰٓئِفَ وَاَغْرَقْنَا الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ج

ٻيڙيءَ ۾ | ۽ | ڪيوسون انهنکي | جانشين | ۽ | ٻوڙيوسون | انهن کي جن | ڪوڙو ڪيو | اسان جي آيتن کي،

۽ کين انهن (ڪافرن) جو جانشين ڪيوسون، ۽ جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڀانيو تن کي ٻوڙيوسون.

فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُنْذَرِيْنَ ﴿٧٣﴾ ثُمَّ بَعَثْنَا مِنْ بَعْدِهٖ

پوءِ ڏس | ڪيئن | ٿيو | انجام | ڊيڄاريلن جو. | پوءِ | موڪلياسون | ان کان بعد

پوءِ ڏس تہ جن کي ڊيڄاريو ويو هو تن جي پڇاڙي ڪهڙيءَ طرح ٿي!. وري ان (نوح) کان پوءِ (گھڻا) پيغمبر سندن

رُسُلًا اِلٰى قَوْمِهِمْ فَجَآءُوْهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ فَمَا كَانُوْا لِيُؤْمِنُوْا بِمَا

ڪيترا رسول | سندن قوم ڏانهن | پوءِ آندائون انهن وٽ | چٽا دليل | پوءِ نہ | هئا | جو ايمان آڻين | ان تي

قوم ڏانهن موڪلياسون پوءِ وٽن پڌرن معجزن سان آيا پوءِ اهڙا نہ هئا جو جنهن شيءِ کي پهريائين

كَذَّبُوْا بِهٖ مِنْ قَبْلُ ط كَذٰلِكَ نَطْبَعُ عَلٰى قُلُوْبِ الْمُعْتَدِيْنَ ﴿٧٤﴾

ڪوڙو ڪيائون جنهن کي | اڳ ۾، | اهڙي طرح | مُهر هڻندا آهيون | دلين | چڙواڳن جي تي.

ڪوڙ ڀانيو هئائون تنهن تي ايمان آڻين، اهڙيءَ طرح حد کان لنگھندڙن جي دلين تي مُهر هڻندا آهيون.

ثُمَّ بَعَثْنَا مِنْ بَعْدِهِمْ مُّوْسٰى وَهٰرُوْنَ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَمَلَا۟ئِهٖ

پوءِ موڪليوسون | انهن کان بعد | موسيٰ | ۽ | هارون کي | فرعون | ۽ سندس سردارن ڏانهن

وري ڪانئن پوءِ موسيٰ ۽ هارون کي فرعون ۽ سندس سردارن ڏانهن پنهنجن

بِاٰيٰتِنَا فَاسْتَكْبَرُوْا وَكَانُوْا قَوْمًا مُّجْرِمِيْنَ ﴿٧٥﴾ فَلَمَّا جَآءَهُمُ الْحَقُّ

پنهنجي آيتن سان | پوءِ وڏائي ڪيائون | ۽ | هئا | ماڻهو | ڏوهاري. | پوءِ جڏهن | آيو انهن وٽ | حق

معجزن سميت موڪليوسون پوءِ وڏائي ڪيائون ۽ ڏوهارڻ قوم هئي. پوءِ جنهن مهل وٽن اسان وٽان سچي

مِنْ عِنْدِنَا قَالُوْٓا اِنَّ هٰذَا لَسِحْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٧٦﴾ قَالَ مُوْسٰٓى اَتَقُوْلُوْنَ

اسان جي طرفان | چيائون | هيءُ تہ | جادو | پڌرو آهي. | چيو | موسيٰ | ڇا توهان چئو ٿا

ڳالھ آئي (تڏهن) چيائون تہ بيشڪ هيءُ پڌرو جادو آهي، موسيٰ چيو تہ جڏهن اوهان وٽ حق آيو تڏهن

CS CamScanner

Maktaba Tul Ishaat.com

لِلْحَقِّ لَمَّا جَآءَكُمْ ؕ اَسِحْرٌ هٰذَا ؕ وَلَا يُفْلِحُ السّٰحِرُوْنَ ﴿٧٧﴾ قَالُوْٓا

حق کي جڏهن آيو توهان وٽ چا اهو جادو آهي؟ ۽ ناڪام ٿيندا آهن جادوگر. چيائون

اَن لاءِ چو چوندا آهيو (تہ جادو آهي؟) هيءُ جادو آهي چا؟ حالانڪ جادوگر ڪامياب نہ ٿيندا آهن. چيائون

اَجِئْتَنَا لِتَلْفِتَنَا عَمَّا وَجَدْنَا عَلَيْهِ اٰبَآءَنَا وَتَكُوْنَ لَكُمَا الْكِبْرِيَآءُ

چا تون آيو آهين اسان وٽ جيئن ڦيرين اسان کي ان کان لڌوسون جنهن تي پنهنجن ابن ڏاڏن کي ۽ ٿئي توهان ٻنهي جي وڏيرپ

تہ اسان وٽ هن لاءِ آيو آهين چا تہ جنهن (ريت) تي اسان پنهنجا پيءُ ڏاڏا ڏٺا تنهن کان اسان کي ڦيرائين ۽ مُلڪ ۾ اوهان (ٻنهي) لاءِ

فِى الْاَرْضِ ؕ وَمَا نَحْنُ لَكُمَا بِمُؤْمِنِيْنَ ﴿٧٨﴾ وَقَالَ فِرْعَوْنُ ائْتُوْنِىْ

ملڪ ۾. ۽ نہ آهيون اسين توهان ٻنهي کي مڃيندڙ. ۽ چيو فرعون پيش ڪريو مون وٽ

وڏپ هجي؟ ۽ اسين اوهان ٻنهي کي مڃڻ وارا نہ آهيون.۽ فرعون چيو تہ. سڀئي هوشيار جادوگر

بِكُلِّ سٰحِرٍ عَلِيْمٍ ﴿٧٩﴾ فَلَمَّا جَآءَ السَّحَرَةُ قَالَ لَهُمْ مُّوْسٰٓى اَلْقُوْا

هر جادوگر ڄاڻوگر کي. پوءِ جڏهن آيا جادوگر چيو انهن کي موسيٰ اڇلايو

مون وٽ آڻيو. پوءِ جنهن مهل جادوگر آيا (تنهن مهل)موسيٰ انهن کي چيو تہ جيڪي اُڇلائڻو اٿوَ

مَآ اَنْتُمْ مُّلْقُوْنَ ﴿٨٠﴾ فَلَمَّآ اَلْقَوْا قَالَ مُوْسٰى مَا جِئْتُمْ بِهِ ۙ

جيڪي توهان اڇليندڙ آهيو. پوءِ جڏهن اڇلايائون چيو موسيٰ جيڪي آندو اٿوَ سو

سو اوهين اُڇليو. پوءِ جنهن مهل اڇلايائون (تنهن مهل) موسيٰ چيو تہ. جيڪي آندو اٿوَ سو جادو آهي.

السِّحْرُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَيُبْطِلُهٗ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُصْلِحُ عَمَلَ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿٨١﴾

جادو آهي، الله اجهو رد ڪندو انکي، بيشڪ الله نہ ٺوسنواري ڪمُ شريرن جو.

الله ان کي سگهوئي باطل ڪندو. ڇو تہ الله فسادين جو ڪم نہ ٺاهيندو آهي.

وَيُحِقُّ اللّٰهُ الْحَقَّ بِكَلِمٰتِهٖ وَلَوْ كَرِهَ الْمُجْرِمُوْنَ ﴿٨٢﴾ ع فَمَآ اٰمَنَ لِمُوْسٰٓى ١٢

۽ ثابت ڪندو الله سچ کي پنهنجي حڪم سان توڙي جو ناپسند ڪن ڏوهاري. پوءِ نہ ايمان آندو موسيٰ تي

۽ الله حق کي پنهنجي حڪم سان ثابت ڪندو آهي جيتوڻيڪ ڏوهاري بڇان پائين. پوءِ موسيٰ تي

اِلَّا ذُرِّيَّةٌ مِّنْ قَوْمِهٖ عَلٰى خَوْفٍ مِّنْ فِرْعَوْنَ وَمَلَا۟ئِهِمْ

مگر ڪن جوانن ان جي قوم مان خوف هوندي ۾ فرعون ۽ وڏن پنهنجن کان

سندس قوم مان هڪ ٽوليءَ کان سواءِ، فرعون ۽ سندس سردارن کان ڊڄڻ جي ڪري تہ.

اَنْ يَّفْتِنَهُمْ ؕ وَاِنَّ فِرْعَوْنَ لَعَالٍ فِى الْاَرْضِ ۚ وَاِنَّهٗ

تہ متان ايذائي انهن کي، ۽ بيشڪ فرعون سرڪشي ڪندڙ هئو ملڪ ۾، ۽ اهو هئو

متان کين ايذائين (ڪنهن) ايمان نہ آندو، ۽ بيشڪ فرعون (اُن) ملڪ ۾ هٺيلو هو. ۽ اُهو ضرور حد کان

CamScanner

Maktaba Tul Ishaat.com

لَمِنَ الْمُسْرِفِيْنَ ﴿٨٣﴾ وَقَالَ مُوْسٰى يٰقَوْمِ اِنْ كُنْتُمْ اٰمَنْتُمْ بِاللّٰهِ

حد کان لنگھندڙ. ۽ چيو موسيٰ اي منهنجي قوم جيڪڏهن توهان ايمان آندو آهي الله تي

لنگھندڙن مان هو. ۽ موسيٰ چيو ته، اي منهنجي قوم! جيڪڏهن اوهان الله تي ايمان آندو آهي ته

فَعَلَيْهِ تَوَكَّلُوْٓا اِنْ كُنْتُمْ مُّسْلِمِيْنَ ﴿٨٤﴾ فَقَالُوْا عَلَى اللّٰهِ تَوَكَّلْنَا ۚ

ته انهيءَ تي ئي ڀروسو ڪريو جيڪڏهن مسلمان آهيو. پوءِ چيائون اسان الله تي ڀروسو ڪيو آهي،

جي مسلمان آهيو ته مٿس ڀروسو ڪريو. پوءِ چيائون ته الله تي ڀروسو ڪيوسون، اي اسان جا

رَبَّنَا لَا تَجْعَلْنَا فِتْنَةً لِّلْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٨٥﴾ۙ وَنَجِّنَا بِرَحْمَتِكَ

اي اسان جا رب نه ڪر اسان کي آزمائش قوم ظالمن لاءِ. ۽ بچاءِ اسان کي پنهنجي رحمت سان

پالڻھار! اسان کي ظالمن جي قوم جي پرک نه ڪر. ۽ ڪافرن جي قوم کان پنهنجي ٻاجھ سان

مِنَ الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٨٦﴾ وَاَوْحَيْنَآ اِلٰى مُوْسٰى وَاَخِيْهِ اَنْ تَبَوَّاٰ

هن ڪافر قوم کان. ۽ وحي موڪليوسون موسيٰ ۽ سندس ڀاءُ ڏانهن ته ٺاهيو

اسان کي بچاءِ! ۽ موسيٰ ۽ سندس ڀاءُ ڏانهن وحي ڪيوسون ته اوهين پنهنجي قوم لاءِ

لِقَوْمِكُمَا بِمِصْرَ بُيُوْتًا وَّاجْعَلُوْا بُيُوْتَكُمْ قِبْلَةً وَّاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ ؕ

پنهنجي قوم لاءِ مصر ۾ گھر ۽ ڪريو پنهنجا گھر قبلي تي ۽ قائم ڪريو نماز.

مصر ۾ گھر ٺاهيو ۽ (انهن) پنهنجن گھرن کي قبلي جي سامهون ڪريو ۽ نماز پڙهو.

وَبَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٨٧﴾ وَقَالَ مُوْسٰى رَبَّنَآ اِنَّكَ اٰتَيْتَ فِرْعَوْنَ وَ

۽ خوشخبري ڏِج ايمان وارن کي. ۽ چيو موسيٰ اي رب اسان جا تو ڏنو آهي فرعون ۽

۽ مومنن کي خوشخبري ڏي. ۽ موسيٰ چيو ته، اي اسان جا پالڻھار! تو فرعون ۽ سندس سردارن کي

مَلَاَهٗ زِيْنَةً وَّاَمْوَالًا فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۙ رَبَّنَا لِيُضِلُّوْا

سندس سردارن کي سينگار ۽ مال دنيا جي حياتيءَ ۾ اي رب اسان جا هن لاءِ ته گمراهه ڪن

سينگارَ (گھڻو) مال دنيا جي حياتيءَ ۾ (هن لاءِ) ڏنو آهي ته اي اسان جا پالڻھار! تنهنجي واٽ کان ماڻهن کي

عَنْ سَبِيْلِكَ ۚ رَبَّنَا اطْمِسْ عَلٰٓى اَمْوَالِهِمْ وَاشْدُدْ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ

تنهنجي راهه کان، اي رب اسان جا ميساري ڇڏ انهن جا مال ۽ سخت ڪر دليون انهن جون

ڀُلائين! اي اسان جا پالڻھار! سندن مال کي ناس ڪر ۽ سندين دلين تي مهر هڻ

فَلَا يُؤْمِنُوْا حَتّٰى يَرَوُا الْعَذَابَ الْاَلِيْمَ ﴿٨٨﴾ قَالَ قَدْ اُجِيْبَتْ

ته نه ايمان آڻين جيسين ڏسن عذاب دردناڪ. فرمايائين قبول ڪئي وئي

جو جيستائين ڏکوئيندڙ عذاب (نه) ڏسن تيستائين ايمان نه آڻين. بيشڪ اوهان (ٻنهي) جي دعا

CamScanner

Maktaba Tul Ishaat.com

دَّعْوَتُكُمَا فَاسْتَقِيْمَا وَلَا تَتَّبِعٰٓنِّ سَبِيْلَ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٨٩﴾

دُعا توهان ٻنهي جي پوءِ مضبوط ٿي بيهو ۽ نه هلو انهن جي طريقي تي جيڪي نه ٿا ڄاڻن.

قبول ڪئي ويئي پوءِ ٻئي مضبوط ٿي بيهو ۽ جيڪي نه ڄاڻندا آهن تن جي طريقي جي تابعداري نه ڪريو.

وَجٰوَزْنَا بِبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ الْبَحْرَ فَاَتْبَعَهُمْ فِرْعَوْنُ وَجُنُوْدُهٗ

۽ پار ڪيوسون بني اسرائيل کي درياءَ کان پوءِ پٺيان پيو انهن جي فرعون ۽ ان جو لشڪر

۽ بني اسرائيلن کي سمنڊ کان پار ڪيوسون پوءِ فرعون ۽ سندس لشڪر ظلم ۽ سرڪشي ڪرڻ

بَغْيًا وَّعَدْوًا ۭ حَتّٰٓي اِذَآ اَدْرَكَهُ الْغَرَقُ ۙ قَالَ اٰمَنْتُ اَنَّهٗ لَآ اِلٰهَ

ظلم ۽ زيادتي ڪرڻ لاءِ نيت جڏهن ورتوان کي ٻڏڻ چيائين مون ايمان آندو ته ناهي ڪوئي عبادت جي لائق

لاءِ سندن پٺيان پيا. حتاڪ (فرعون لشڪر سوڌو) ٻڏڻ لڳو (تڏهن فرعون) چيو ته. ايمان آندم. (سچ آهي) ته

اِلَّا الَّذِيْٓ اٰمَنَتْ بِهٖ بَنُوْٓا اِسْرَآءِيْلَ وَاَنَا مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿٩٠﴾

مگر اهوئي جنهن تي ايمان آندو بني اسرائيل ۽ آءٌ آهيان مڃيندڙن مان.

جنهن تي بني اسرائيلن ايمان آندو آهي تنهن کان سواءِ ڪوئي عبادت جو لائق نه آهي ۽ آءٌ مسلمانن منجهان آهيان.

آٰلْئٰنَ وَقَدْ عَصَيْتَ قَبْلُ وَكُنْتَ مِنَ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿٩١﴾ فَالْيَوْمَ

چاهيندڙ! هوڏانهن بي فرماني ڪئي تو اڳ ۾ ۽ هئين تون فساد ڪندڙن مان. پوءِ اڄ

(چيو ويس ته) هاڻي (تو ايمان آڻين؟) ۽ بيشڪ اڳ تو نافرماني ڪئي ۽ فسادين مان هئين. پوءِ اڄ

نُنَجِّيْكَ بِبَدَنِكَ لِتَكُوْنَ لِمَنْ خَلْفَكَ اٰيَةً ۭ وَاِنَّ كَثِيْرًا

بچايون ٿا توکي تنهنجي بدن سان جيئن هجين تون پنهنجي پوين لاءِ نشاني، بيشڪ گهڻا

توکي تنهنجي لاش سوڌو هن لاءِ بچائينداسون (۽ ٻيٽ تي اڇلينداسون) ته جيڪي توکان پوءِ اچن تن لاءِ نشاني هجين. ۽ ماڻهن مان

مِّنَ النَّاسِ عَنْ اٰيٰتِنَا لَغٰفِلُوْنَ ﴿٩٢﴾ وَلَقَدْ بَوَّاْنَا بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ

ماڻهو اسان جي نشانين کان بي خبر آهن. ۽ رهايو سون بني اسرائيل کي

گهڻا اسان جي نشانين کان ضرور بيخبر آهن. ۽ بيشڪ بني اسرائيلن کي چڱي هنڌ رهڻ جي جاءِ ڏني سون

مُبَوَّاَ صِدْقٍ وَّرَزَقْنٰهُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ ۚ فَمَا اخْتَلَفُوْا حَتّٰى جَاۗءَهُمُ

سٺين جاين تي ۽ کارايون سون انهن کي سٺيون شيون، پوءِ نه اختلاف ڪيائون تان جو آيو انهن وٽ

۽ کين سٺين شين مان روزي ڏني سون. پوءِ (ايستائين) اختلاف نه ڪيائون جيستائين وٽن علم (يعني قرآن ته) آيو.

الْعِلْمُ ۭ اِنَّ رَبَّكَ يَقْضِيْ بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فِيْمَا كَانُوْا

علم، بيشڪ رب تنهنجو فيصلو ڪندو انهن جي وچ ۾ قيامت ڏينهن جنهن ۾ اهي

بيشڪ تنهنجو پالڻهار جنهن ڳالهه بابت جهڳڙو ڪندا آهن تنهن جو قيامت ڏينهن سندن وچ ۾ فيصلو ڪندو.

CamScanner

Maktaba Tul Ishaat.com

فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ﴿٩٣﴾ فَاِنْ كُنْتَ فِيْ شَكٍّ مِّمَّآ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ فَسْئَلِ

اختلاف ڪندا هئا. پوءِ جيڪڏهن تون آهين شڪ ۾ اُن کان جيڪي نازل ڪيو اسان توڏانهن تہ پڇا ڪر

پوءِ جيڪي تو ڏانهن نازل ڪيوسون تنهن کان جيڪڏهن شڪ ۾ آهين تہ

الَّذِيْنَ يَقْرَءُوْنَ الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكَ ۚ لَقَدْ جَآءَكَ الْحَقُّ

انهن کان جي پڙهن ٿا ڪتاب توکان اڳ ۾، يقينن آيو تو وٽ حق

جيڪي توکان اڳ ڪتاب پڙهندا آهن تن کان پڇ! بيشڪ تنهنجي پالڻهار کان تو ڏانهن حق آيو آهي

مِنْ رَّبِّكَ فَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُمْتَرِيْنَ ﴿٩٤﴾ لا وَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الَّذِيْنَ

تنهنجي رب کان پوءِ هرگز نہ ٿيءُ شڪ ڪندڙن مان. ۽ هرگز نہ ٿيءُ انهن مان جن

پوءِ تون شڪ ڪندڙن مان نہ هج. ۽ نڪي تون اُنهن مان هج جن

كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ فَتَكُوْنَ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿٩٥﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ حَقَّتْ

ڪوڙو ڪيو الله جي ڳالهين کي پوءِ ٿيندين نقصان وارن مان. بيشڪ اهي، ثابت ٿيو

الله جي آيتن کي ڪوڙ ڄاتو نہ تہ تون خساري وارن مان ٿيندين. بيشڪ جن تي تنهنجي

عَلَيْهِمْ كَلِمَتُ رَبِّكَ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٩٦﴾ لا وَلَوْ جَآءَتْهُمْ كُلُّ اٰيَةٍ

جن تي ٻول تنهنجي رب جو ايمان نہ آڻيندا. توڙيجو اچي انهن وٽ هر نشاني

پالڻهار (جي عذاب) جو حڪم لازم ٿي چڪو آهي سي ايمان نہ آڻيندا. جيتوڻيڪ وٽن سڀ دليل اچن.

حَتّٰى يَرَوُا الْعَذَابَ الْاَلِيْمَ ﴿٩٧﴾ فَلَوْلَا كَانَتْ قَرْيَةٌ اٰمَنَتْ

جيستائين ڏسن عذاب دردناڪ. پوءِ ڪونہ هو اهڙو ڪو ڳوٺ جو ايمان آڻي

جيستائين ڪو ڏکوئيندڙ عذاب ڏسن. يونس جي قوم کان سواءِ ڪن ڳوٺن (وارن عذاب ڏٺڻ وقت) ڇو نہ ايمان آندو؟

فَنَفَعَهَآ اِيْمَانُهَآ اِلَّا قَوْمَ يُوْنُسَ ۭ لَمَّآ اٰمَنُوْا كَشَفْنَا عَنْهُمْ

تہ فائدو ڏئي ان کي ايمان ان جو سواءِ قوم يونس جي، جڏهن انهن ايمان آندو تہ لاهي ڇڏيوسون انهن تان

تہ سندن ايمان کين فائدو ڏئي ها، جنهن مهل (يونس جي قوم) ايمان آندو (تنهن مهل) خواريءَ وارو

عَذَابَ الْخِزْيِ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَمَتَّعْنٰهُمْ اِلٰى حِيْنٍ ﴿٩٨﴾

عذاب ذلت جو دنيا جي حياتيءَ ۾ ۽ نفعو ڏنوسون انهن کي ڪجهہ وقت لاءِ.

عذاب دنيا جي حياتيءَ ۾ کانئن لاٿوسون ۽ کين (ڪجهہ) وقت تائين فائدو ڏنوسون.

وَلَوْ شَآءَ رَبُّكَ لَاٰمَنَ مَنْ فِي الْاَرْضِ كُلُّهُمْ جَمِيْعًا ۭ اَفَاَنْتَ

۽ جيڪڏهن گهري ها تنهنجو رب تہ ايمان آڻين ها جيڪي ملڪ ۾ آهن سڀيئي گڏجي، ڇا پوءِ تون

۽ جيڪڏهن تنهنجو پالڻهار گهري ها تہ جيڪي زمين ۾ آهن سي سڀيئي ضرور ايمان آڻين ها. پوءِ تون

CamScanner

Maktaba Tul Ishaat.com

تُكۡرِهُ النَّاسَ حَتّٰى يَكُوۡنُوۡا مُؤۡمِنِيۡنَ ﴿٩٩﴾ وَمَا كَانَ لِنَفۡسٍ اَنۡ
زور ڪندين ماڻهن کي تہ ٿين مسلمان؟ ۽ ناهي ڪنهن نفس لاءِ جو
ماڻهن کي زور ڪندين ڇا تہ مومن ٿين؟ ڪنهن بہ شخص کي الله جي گُهر
تُؤۡمِنَ اِلَّا بِاِذۡنِ اللّٰهِ ؕ وَيَجۡعَلُ الرِّجۡسَ عَلَى الَّذِيۡنَ
ايمان آڻي سواءِ حڪم الله جي ۽ ڌري ٿو ٻُرائي انهن تي جيڪي
ڪان سواءِ مومن ٿيڻ جو اختيار ڪي نہ آهي، ۽ جيڪي نہ ڄاڻندا آهن تن تي (ڪفر جي) پليتي رکندو آهي.
لَا يَعۡقِلُوۡنَ ﴿١٠٠﴾ قُلِ انۡظُرُوۡا مَاذَا فِى السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ ؕ وَمَا
نہ ٿا سمجهن. چؤ ڏسو ڇا آهي آسمانن ۾ زمين ۾. ۽ نہ
چئو تہ نهاريو تہ آسمانن ۽ زمين ۾ ڪهڙيون (سندس قدرتون) آهن؟ ۽
تُغۡنِى الۡاٰيٰتُ وَالنُّذُرُ عَنۡ قَوۡمٍ لَّا يُؤۡمِنُوۡنَ ﴿١٠١﴾ فَهَلۡ
ٿيون فائدو ڏين نشانيون ۽ ڊيڄاريندڙ ان قوم کي جيڪي نہ ٿا ايمان آڻين. پوءِ نہ ٿا
نہ مڃيندڙن قوم کي نشانيون ۽ ڊيڄاريندڙ فائدو نہ ڏيندا آهن. پوءِ
يَنۡتَظِرُوۡنَ اِلَّا مِثۡلَ اَيَّامِ الَّذِيۡنَ خَلَوۡا مِنۡ قَبۡلِهِمۡ ؕ قُلۡ
انتظار ڪن مگر انهن جي ڏينهن جهڙو جيڪي گذري ويا انهن کان اڳ ۾. تون چؤ
انهن جهڙين مصيبتن کان سواءِ انتظار نہ ڪندا آهن جيڪي کانئن اڳ گذري ويون (ڪين) چئو
فَانۡتَظِرُوۡۤا اِنِّىۡ مَعَكُمۡ مِّنَ الۡمُنۡتَظِرِيۡنَ ﴿١٠٢﴾ ثُمَّ نُنَجِّىۡ رُسُلَنَا
انتظار ڪريو آءٌ بہ توهان سان گڏ انتظار ڪندڙ آهيان. پوءِ بچائيندا سون پنهنجن رسولن کي
تہ انتظار ڪريو آءٌ بہ اوهان سان گڏ انتظار ڪندڙن مان آهيان. وري اسين پيغمبرن کي ۽ جن
وَالَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا كَذٰلِكَ ۚ حَقًّا عَلَيۡنَا نُنۡجِ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿١٠٣﴾ ع قُلۡ يٰۤاَيُّهَا ع ١٥
۽ جن ايمان آندو اهڙي طرح، حق آهي اسان تي جو بچايون ايمان وارن کي. چؤ اي
ايمان آندو تن کي بچائيندا آهيون، اهڙيءَ طرح اسان تي حق آهي تہ مومنن کي بچايون. چئو تہ، اي انسانؤ!
النَّاسُ اِنۡ كُنۡتُمۡ فِىۡ شَكٍّ مِّنۡ دِيۡنِىۡ فَلَاۤ اَعۡبُدُ الَّذِيۡنَ
انسانو! جيڪڏهن آهيو اوهان شڪ ۾ منهنجي دين کان پوءِ آءٌ نہ ٿو عبادت ڪريان جن جي
جيڪڏهن منهنجي دين کان شڪ ۾ آهيو تہ (ٻڌو) الله کان سواءِ جن کي
تَعۡبُدُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ وَلٰكِنۡ اَعۡبُدُ اللّٰهَ الَّذِىۡ يَتَوَفّٰٮكُمۡ ۖۚ
توهان عبادت ٿا ڪريو الله کان سواءِ پر آءٌ عبادت ڪريان ٿو الله جي جيڪو ماريندو توهان کي.
پوڄيندا آهيو تن کي نہ پوڄيندس پر ان الله کي پوڄيندس جيڪو اوهان کي ماريندو آهي.

CS CamScanner

Maktaba Tul Ishaat.com

وَاُمِرْتُ اَنْ اَكُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٠٤﴾ وَاَنْ اَقِمْ وَجْهَكَ

۽ مونکي حڪم ٿيو آهي تہ هجان ايمان وارن مان. ۽ هي تہ سڌو ڪر تون پنهنجو منهن

۽ مون کي حڪم ڪيو ويو آهي تہ مؤمنن مان هجان. ۽ (هيءُ) تہ پنهنجي مهاڙ کي دين لاءِ

لِلدِّيْنِ حَنِيْفًا ۚ وَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿١٠٥﴾ وَلَا تَدْعُ

دين ڏانهن هڪ طرفو ٿي، ۽ هرگز نہ ٿيءُ شرڪ ڪندڙن مان. ۽ نہ پڪار

هڪ طرفو ٿي سڌو ڪر ۽ مشرڪن مان نہ هج! ۽ الله کان سواءِ انهي جي عبادت نہ ڪر جيڪو توکي

مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَنْفَعُكَ وَلَا يَضُرُّكَ ۚ فَاِنْ فَعَلْتَ فَاِنَّكَ اِذًا

الله کان سواءِ ان کي جو نہ تو فائدو ڏئي توکي ۽ نڪي نقصان، پوءِ جيڪڏهن ڪيئي تہ تون ان وقت

نڪي سک پهچائي ۽ نڪي ڏک پهچائي، پوءِ جيڪڏهن (ائين) ڪندين تہ انهيءَ مهل تون ظالمن مان ٿيندين.

مِّنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٠٦﴾ وَاِنْ يَّمْسَسْكَ اللّٰهُ بِضُرٍّ فَلَا كَاشِفَ لَهٗٓ اِلَّا هُوَ ۚ وَاِنْ

گنهگارن مان آهين. ۽ جيڪڏهن رسائي توکي الله ڪو نقصان تہ ناهي ڪوئي ٽاريندڙ ان کي سواءِ انهيءَ جي. ۽ جيڪڏهن

۽ جيڪڏهن الله توکي ڪو ڏک پهچائي تہ اُن کان سواءِ ڪو اُن جي لاهڻ وارو ڪونهي. ۽ جيڪڏهن تو لاءِ ڀلائي

يُّرِدْكَ بِخَيْرٍ فَلَا رَآدَّ لِفَضْلِهٖ ۗ يُصِيْبُ بِهٖ مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ ۗ

گهري تو لاءِ چڱائي تہ ناهي ڪوئي هٽائيندڙ ان جي فضل کي، پهچائي ٿو اها جنهن کي گهري پنهنجي ٻانهن مان.

گهري تہ سندس فضل کو هٽائڻ وارو نہ آهي، پنهنجن ٻانهن مان جنهن کي وڻيس تنهن کي ڀلائي پهچائيندو آهي.

وَهُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ﴿١٠٧﴾ قُلْ يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَكُمُ الْحَقُّ

۽ اهو بخشڻهار مهربان آهي. چؤ اي انسانو! يقينن آيو توهان وٽ حق

۽ اهو بخشڻهار مهربان آهي. چئو تہ، اي انسانو! بيشڪ اوهان وٽ اوهان جي پالڻهار کان حق آيو آهي.

مِنْ رَّبِّكُمْ ۚ فَمَنِ اهْتَدٰى فَاِنَّمَا يَهْتَدِيْ لِنَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ ضَلَّ

توهان جي پالڻهار کان، پوءِ جيڪو هدايت وارو ٿيو تہ اهو رڳو هدايت لهي ٿو پاڻ لاءِ، ۽ جيڪو گمراهہ ٿيو

پوءِ جيڪو هدايت وارو ٿيو سو پاڻ لاءِ هدايت ٿو لهي، ۽ جيڪو ڀلو

فَاِنَّمَا يَضِلُّ عَلَيْهَا ۚ وَمَآ اَنَا عَلَيْكُمْ بِوَكِيْلٍ ﴿١٠٨﴾ وَاتَّبِعْ مَا يُوْحٰٓى

پوءِ اهو رڳو گمراهہ ٿئي ٿو پاڻ لاءِ، ۽ ناهيان آءٌ اوهان جو ذميوار. ۽ هل ان تي جيڪو وحي ٿئي ٿو

تنهن تي گمراهيءَ هجڻ کان سواءِ (ٻيو ڪجهہ) نہ آهي، ۽ آءٌ اوهان جو ذميوار نہ آهيان. ۽ جيڪي توڏانهن وحي ڪيو وڃي ٿو تنهن جي

ع ١١ اِلَيْكَ وَاصْبِرْ حَتّٰى يَحْكُمَ اللّٰهُ ۚ وَهُوَ خَيْرُ الْحٰكِمِيْنَ ﴿١٠٩﴾ ع

توڏانهن ۽ صبر ڪر جيستائين فيصلو ڪري الله، ۽ اهو سڀ کان ڀلو فيصلو ڪندڙ آهي.

تابعداري ڪر ۽ (ايستائين) صبر ڪر جيستائين الله نبيرو ڪري، ۽ اهو چڱو فيصلو ڪندڙ آهي.

CamScanner

Maktaba Tul Ishaat.com

سُوْرَةُ هُوْدٍ مَكِّيَّةٌ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○ اٰيَاتُهَا ١٢٣ رُكُوْعَاتُهَا ١٠

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

الٓرٰ قف كِتٰبٌ اُحْكِمَتْ اٰيٰتُهٗ ثُمَّ فُصِّلَتْ مِنْ لَّدُنْ حَكِيْمٍ خَبِيْرٍ ﴿١﴾ لا

الرٰ. كتاب آهي جو مضبوط ڪيل آهن آيتون ان جون پوءِ کولي ڇڏايل آهن طرفان حكمت واري خبردار جي.

آلرا. (هي) ڪتاب آهي جنهن جون آيتون محڪم آهن .وري حڪمت واري داناءَ الله وٽان کولي بيان ڪيل آهن.

اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّا اللّٰهَ ط اِنَّنِيْ لَكُمْ مِّنْهُ نَذِيْرٌ وَّبَشِيْرٌ ﴿٢﴾ لا وَّاَنِ

ته نه عبادت ڪريو مگر الله جي، بيشڪ آءٌ توهان لاءِ ان جي طرفان ڊيڄاريندڙ ۽ خوشخبري ڏيندڙ آهيان. ۽ هي

ته الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي عبادت نه ڪريو. آءٌ سندس طرف کان اوهان کي ڊيڄاريندڙ ۽ خوشخبري ڏيندڙ آهيان.

اسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ ثُمَّ تُوْبُوْٓا اِلَيْهِ يُمَتِّعْكُمْ مَّتَاعًا حَسَنًا

ته بخشايو پنهنجي رب کان پوءِ موٽو انهيءَ ڏانهن ته پهچائي توهان کي فائدو سٺو

۽ ته پنهنجي پالڻهار کان بخشش گهرو وري ڏانهس (توبه ڪري) موٽو ته نهرايل مدت تائين اوهان کي

اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى وَّيُؤْتِ كُلَّ ذِيْ فَضْلٍ فَضْلَهٗ ط وَاِنْ

ڪنهن وقت مقرر تائين ۽ ڏئي هر ڀلائي واري کي سندس ڀلائي، ۽ جيڪڏهن

چڱي نفعي سان فائدو ڏئي ۽ سڀ ڪنهن ڀلائيءَ واري کي سندس ڀلائي (جو عيوض ڏئي). ۽ جيڪڏهن

تَوَلَّوْا فَاِنِّيْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ كَبِيْرٍ ﴿٣﴾ اِلَى اللّٰهِ

توهان ڦري ويندؤ ته آءٌ ڊڄان ٿو توهان تي عذاب وڏي ڏينهن جي کان، الله ڏانهن ئي

اوهين ڦرندؤ ته آءٌ اوهان تي وڏي ڏينهن جي عذاب (پهچڻ) کان ڊڄان ٿو. الله ڏانهن اوهان جو

مَرْجِعُكُمْ ج وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٤﴾ اَلَآ اِنَّهُمْ يَثْنُوْنَ

موٽڻ آهي توهان جو ۽ اهو هر شيءِ تي قادر آهي. خبردار! اهي موڙين ٿا

موٽڻ آهي، ۽ اهو سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي. خبردار! اهي پنهنجن سينن کي هن لاءِ وٽيندا آهن

صُدُوْرَهُمْ لِيَسْتَخْفُوْا مِنْهُ ط اَلَا حِيْنَ يَسْتَغْشُوْنَ ثِيَابَهُمْ لا

پنهنجي سينن کي جيئن لڪن ان کان، خبردار جڏهن اهي ويڙهن ٿا . ڪپڙا پنهنجا.

ته کانئس لڪن. خبردار! جنهن دم (اهي) پنهنجا ڪپڙا ڍڪيندا آهن (تنهن دم به) جيڪي

يَعْلَمُ مَا يُسِرُّوْنَ وَمَا يُعْلِنُوْنَ ج اِنَّهٗ عَلِيْمٌ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿٥﴾

ته اهو ڄاڻي ٿو جيڪي لڪائن ٿا ۽ جيڪي ظاهر ڪن ٿا، بيشڪ اهو ڄاڻندڙ آهي راز سينن جي ڪي.

لڪائيندا آهن ۽ جيڪي ظاهر ڪندا آهن (سو الله) ڄاڻندو آهي بيشڪ اهو سينن وارو (ڀيد) ڄاڻندڙ آهي.

CS CamScanner

Maktaba Tul Ishaat.com



CS CamScanner